رپورٽ نمبر 36382_ پي ڪي

# معائني وارو پئنل

## تفتيشي رپورٽ

## پاڪستان_ نيشنل ڊرينيج پروگرام منصوبو
## (ڪريڊٽ نمبر. 2999 پي اي ڪي)

جولاءِ 2006

هي دستاويز هڪ غير سرڪاري ترجمو آهي ۽ ”معائني واري پئنل جي تفتيشي رپورٽ“ آهي جيڪا جولاءِ 2006 تي تيار ڪئي ويئي. هي دستاويز دلچسپي رکندڙ ڌرين کي فراهم پيو وڃي. هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويئي آهي ته سو فيصد ساڳيو ترجمو ڪيو وڃي پر جيڪڏهن ترجمي جوڪوبه حصو انگريزيءَ واري اصل حصي ڪان مختلف هوندو ته انگريزيءَ واري حصي کي ترجيع ڏني ويندي.

## پئنل جي باري ۾

معائنو ڪندڙ پئنل سيپٽيمبر 1993 ۾ ورلڊ بئنڪ جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽرز پاران بنايو ويو هو ان لاءِ ته جيئن بئنڪ جي پاليسين ۽ نگرانيءَ جي قائدن قانونن ڪي جاچڻ لاءِ هڪ منفرد ۽ آزاد راءِ قائم ٿي سگهي ۽ جاچ پڙتال جي خاطري ٿي سگهي. معائنو وارو پئنل اهڙن شهرين جي لاءِ هڪ راءِ قائم ڪرڻ وارو ذريعو جيڪي ٻه يا ٻن کان وڌيڪ نمبرن ۾ آهن ۽ جيڪي بئنڪ کي درخواست ڏين ٿا ته سندس ماليت سان هلندڙ منصوبن سان ڪين نقصان ٿي رهيو آهي. مختصر طور تي ائين چئجي ته معائني وارو پئنل هڪ ماڻهن ۽ بئنڪ جي وچ ۾ هڪ پل آهي جيڪي بئنڪ جي پاران مالي سهڪار جي ڪري متاثر ٿي رهيا آهن.

پئنل جي ميمبرن کي ان بنياد تي چونڊيو ويندو آهي ته، ”هو ڪيل درخواست کي تمام اونهائيءَ سان پرکين ۽ ايمانداريءَ سان ڏسن، انهن جي بئنڪ جي انتظاميا سان مانوسيت، آزادانه حيثيت ۽ سڌرندڙ ملڪن طرف سندن رويي کي پڻ نظر ۾ رکيو ويندو آهي.“ (1) ٽن ميمبرن جي پئنل کي بورڊ جي منظوريءَ کان پوءِ اهي اختيار ڏنا ويندا آهن ته هو مسئلن جي چنڊ ڇاڻ ڪن جيڪي بئنڪ جي منصوبن دوران بئنڪ پاران نظر انداز ڪيا ويا آهن ۽ جيڪي واقعي بئنڪ جي پاليسين ۽ قانونن مطابق هئا پر نگرانيءَ دوران رهجي ويا.

### درخواستن جو طريقه ڪار

پئنل کي جڏهن معائني لاءِ ڪا درخواست ملندي آهي ته پوءِ انهيءَ تي عمل ڪرڻ ڪو طريقه ڪار هي آهي:

- پئنل پهرين ڏسندو آهي ته درخواست واقعي حقيقتن ۽ قائدي مطابق آهي ۽ سندس دائري کان ٻاهر ته ناهي.
- پئنل پهرين درخواست کي رجسٽر ڪندو آهي جيڪو مڪمل طور تي هڪ انتظامي طريقو آهي.
- پئنل درخواست کي بئنڪ جي انتظاميا ڏانهن موڪليندو آهي جنهن وٽ 21 ڏينهن آهن جن جي اندر هوءَ درخواست ڪندڙن جي دعوائن جي باري ۾ راءِ ڏيندي.
- پئنل پوءِ هڪ 14 ڪم وارن ڏينهن تي مشتمل تجزيو ڪندو آهي جنهن ۾ درخواست ڪندڙن ۽ درخواست جي باري ۾ اهليت معلوم ڪندو آهي.
- جيڪڏهن پئنل پاران معائنو نه ڪرائڻ جي تجويز آئي ته پوءِ بورڊ سندس رٿ کي قبول ڪندو آهي ۽ درخواست کي ختم سمجهيو ويندو آهي. بورڊ پوءِ وري جيڪڏهن ضروري سمجهي ته پئنل پاران ڏنل رٿ جي خلاف هڪ تفتيش ڪرائي سگهي ٿو.
- بورڊ جي ان فيصلي جي ٽن ڏينهن کان پوءِ ته معائنو ٿيڻ گهرجي يا نه، پئنل جي رپورٽ (جنهن ۾ درخواست ۽ انتظاميا جي راءِ پڻ شامل هوندي) عام ماڻهن جي پڙهڻ لاءِ موجود هوندي جيڪا پئنل جي ويب سائيٽ ۽ سيڪريٽريٽ، بئنڪ جي معلوماتي دڪان ۽ لاڳاپيل ملڪ جي بئنڪ واري آفيس ۾ موجود هوندي.
- جيڪڏهن پئنل معائني ڪرائڻ جي تجويز ڏئي ٿو ۽ بورڊ پڻ ان جي منظوري ڏئي ٿو ته پوءِ پئنل ان جي مڪمل تفتيش ڪندو جنهن جو ڪو وقت مقرر نه هوندو آهي.

---

1. آءِ بي آر ڊي جي قرارداد نمبر 93_10؛ آءِ ڊي اي قرارداد نمبر 93_6.

جڏهن پئنل پنهنجو معائنو مڪمل ڪري چڏي، اهو معائني ڪرڻ لاءِ ڪيل درخواست جي باري ۾ پنهنجون تجويزون ۽ نتيجا بورڊ ڪي توڙي بئنڪ جي انتظاميا ڪي موڪليندو آهي.

- بئنڪ جي انتظاميا وري ڇهن هفتن ۾ پنهنجي راءِ بورڊ ڏانهن موڪليندي ته بئنڪ کي پئنل جي تجويزن ۽ اخذ ڪيل نتيجن تي ڪهڙو لائحه عمل اختيار ڪرڻ گهرجي ۽ ڪهڙا اپاءَ وٺڻ گهرجن.
- بورڊ پوءِ آخري فيصلو ٻڌائيندو آهي ته پئنل جي تجويزن ۽ انتظاميا جي راءِ کان پوءِ ڇا ٿيڻ گهرجي.
- بورڊ جي فيصلي جي ٽن ڏينهن کان پوءِ پئنل جي رپورٽ ۽ انتظاميا جون تجويزون پئنل جي ويب سائيٽ ۽ سيڪريٽريٽ، بئنڪ جي معلومات واري دڪان ۽ لاڳاپيل ملڪ ۾ بئنڪ جي آفيس ۾ موجود هونديون آهن.

تصوير نمبر 1: غير سرڪاري تنظيمن جي ماهرن سان بحث مباحثا
تصوير نمبر 2: پٽنل جي ماهرن سان علائقي جي ماڻهن جي گڏجاڻي
تصوير نمبر 3: سامونڊي پٽي... ڪاٻي هٿ تي چٽنل ۽ ساڄي هٿ تي ڍنڍ (آر ڊي_35 تحت)
تصوير نمبر 4: ملاحن جي هڪ ڳوٺ ۾ پٽنل جي گڏجاڻي
تصوير نمبر 5: روپا ماڙي جو تاريخي ماڳ
تصوير نمبر 6: ڳوٺاڻو 1999 واري طوفان ۽ 2003 جي ٻوڏ جي باري ۾ ٿيل نقصان جو ڪاٿو ڪندي

باڪس:
باڪس نمبر 1: صحت ۽ ماحول جا مسئلا ۽ سنڌو ندي ۽ سمنڊ ڪي ملائڻ واري ايراضي تي پوندڙ اثر
باڪس نمبر 2: پيئڻ جو صاف پاڻي ۽ ماحولياتي طور وهندڙ وهڪرا
باڪس نمبر 3: رمسر واري ڪنوينشن جا علائقا جتي سيءَ ڪان وڏيڪ نقصان ٿيو
باڪس نمبر 4: مهاڻا، سنڌو ماڻري جي اصلوڪن ماڻهن جي حيثيت ۾
باڪس نمبر 5: ”2003 جي ٻوڏ مان ٿيل نقصان“ ڳوٺاڻن جي پنهنجي زبان ۾

وڏو نقشو

وڏو نقشو نمبر آءِ بي آر ڊي 33665 آر

ٿورا

هن رپورٽ جي تياري ڪيترن ئي ماڻهن ۽ تنظيمن جي مدد کان سواءِ ممڪن نه ٿي سگهي ها. پئنل چاهي ٿو ته درخواست ڪندڙن، ڪجهه فردن ۽ ڪيئي ڪٽنبن جو شڪريو ادا ڪري جن جن سان هو منصوبي وارن علائقن ۾ مليا. پئنل ملڪي توڙي صوبائي سرڪاري عملدارن جو پڻ شڪريو ادا ڪرڻ ٿو چاهي جن ۾ اهي آفيسر پڻ شامل آهن جيڪي اسلام آباد ۽ ڪراچي ۾ وهن ٿا ۽ ان کان علاوه وفاقي توڙي صوبائي ايجنسين، خانگي تنظيمن جي اڳواڻن، علاقائي ماهرن ۽ ٻين ڪيترن ماڻهن جو پڻ ٿورو ادا ڪرڻ چاهي ٿو جيڪي هنن سان مليا.

پئنل خاص طور تي درخواست ڪندڙن جي اڳواٽي ڪندڙن جي تعريف ڪرڻ ٿو چاهي جن ڪين انهن ماڻهن سان متعلقه علائقن ۾ ملرايو جيڪي متاثر ٿيل هئا. پئنل حڪومت پاڪستان ۽ سنڌ حڪومت جي ايجنسين جو شڪريو ادا ڪرڻ ٿو چاهي جن سندن ڪم کي عملي شڪل ڏيارڻ ۾ سندن مدد ڪئي. پئنل واشنگٽن ڊي سي ۾ ۽ پاڪستان ۾ ورلڊ بئنڪ جي هٿوڪي ۽ اڳوٽي عملي ڏانهن به پنهنجا ٿوري جا لفظ وڌائڻ ٿو چاهي جن ڪين مڪمل دستاويز، لکيل درخواستون ۽ ٻيون ٽيڪنيڪل شيون مهيا ڪري ڏنيون جيڪي رپورٽ لاءِ گهربل هيون.

پئنل خصوصي طور انهن ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽرز جو شڪريو ادا ڪرڻ ٿو چاهي جيڪي حڪومت پاڪستان جي عملي م شامل هئا. پئنل انهن گڏجاڻين کي ساراهيو جيڪا انهن آفيسرن سان ٿيون چو ته انهن ۾ تمام گهڻي معلومات هئي.

پئنل ڊاڪٽر پيٽر ڊروجرس، جيڪو پاڻيءَ وارن مسئلن ۾ انتظام ڻاهڻ ۽ ڪمپيوٽر تي ڏيک پئدا ڪرڻ جو ماهر آهي، جو ٿورائتو آهي. گڏوگڏ هو ڊاڪٽر رابرٽ گڊلئنڊ جيڪو گرم علائقن جي ماحولياتي اثرن جو ماهر آهي، ڊاڪٽر چارلس مهل، جيڪو ڏکڻ ۽ ڏکڻ اولهه ايشيا ۾ سماجي ۽ ثقافتي سڌارن جو ماهر آهي ۽ ڊاڪٽر هئنس والٽر جيڪو پاڻي وارين تعميرن، زرعي پاڻي جي استعمال ۽ پاڻيءَ جي انتظاميا کي ڻاهڻ جو ماهر آهي، انهن سڀني جو ٿورائتو آهي جن پنهنجن مشورن سان پئنل جي مدد ڪئي. پئنل انهن سڀني پاران ڏيکاريل ماهرانه راءِ جي تعريف ڪري ٿو جيڪا هنن هر وقت پئي ڏني.

آخر ۾ پئنل پنهنجي سيڪريٽريٽ ۾ موجود ميمبرن جو پڻ شڪريو ادا ڪري ٿو ۽ سندن تعريف ڪري ٿو جو سندن انتظامي مدد جي ڪري هيءَ معائني واري رپورٽ تيار ٿي سگهي، خاص طور تي ايڊيوارڊو ايبٽ، پيٽر لالاس ۽ سرج سلوان جي ماهرانه تعاون جي تمام گهڻي تعريف ڪري ٿو. پئنل غزالا نرگس ۽ بشير سومرو جي پڻ تعريف ڪري ٿو جن پئنل جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيئي شين جي بهترين ترجماني پئي ڪئي.

## علامتي اکر، يونٽ ۽ ڪرنسيون

| | |
|---|---|
| اي ڊي بي | ايشين ڊيولپمينٽ بئنڪ |
| اي ڊبليو بي | ايريا واٽر بورڊس |
| بي پي | بئنڪ پروسيجرس |
| ڊي پي او ڊي | ڏورو پوراڻ آئوٽ فال ڊرين |
| ڊي ايم پي | ڊرينيج ماسٽر پلان |
| ڊي ايس اي اي | ڊرينيج سيڪٽر اينوائرنمينٽ اسيسمينٽ |
| اي آء اي | اينوائرونمينٽل امپيڪٽ اسيسمينٽ |
| اي ايم ايم پي | اينوائرنمينٽل مينيجمينٽ اينڊ مانيٽرنگ پلان |
| ايف ايل اي آر | فريم ورڪ فار لينڊ اڪيوزيشن اينڊ ريسيٽلمينٽ |
| ايف او | فارمر آرگنائيزيشن |
| جي او پي | گورنمينٽ آف پاڪستان |
| جي او ايس | گورنمينٽ آف سنڌ |
| آء بي آء ايس | انڊس بيسن اريگيشن سسٽم |
| آء ڊي اي | انٽرنيشنل ڊيولپمينٽ اسوسئيشن |
| جي آر ايم | جوائنٽ ريويو مشن |
| ڪي پي او ڊي | ڪيڻ پاتيجي آئوٽ فال ڊرين |
| ايل بي او ڊي | ليفٽ بئنڪ آئوٽ فال ڊرين |
| ايس اي آر | اسٽاف اپريزل رپورٽ |

ايس سي اي آر پي سيلنٽي ڪنٽرول اينڊ ريڪليميشن پروجيڪٽ

| | |
|---|---|
| ايس ايم او | اسڪارپ مانيٽرنگ آرگنائيزيشن |
| ٽي بي او ڊي | ٽرانس بيسن آئوٽ فال ڊرين |

ڊبليو اي پي ڊي اي‌واٽر اينڊ پاور ڊيولپمينٽ اٿارٽي

## يونٽ ۽ ڪرنسيون

| | |
|---|---|
| سي ايف ايس | ڪيوبڪ فوٽ پر سيڪنڊ |
| بي ايم ڪيوب | بلين ڪيوبڪ ميٽرس |
| ڊي ايس / ميٽر | ڊيسي سيمينز پر ميٽر |
| اي ٽي ايم+ | اينهانس ٿيميٽڪ ميپر |
| ايف ٽي | فوٽ |
| ايچ اي | هيڪٽر |
| ڪي ايم | ڪلوميٽر |
| ميٽر اسڪوائر | اسڪوائر ميٽر |
| ايم ايم | ملي ميٽر |

ايم ڪيوب پر سيڪنڊڪيوبڪ ميٽر پر سيڪنڊ

| | |
|---|---|
| آر جي بي | ريڊ/گرين/بلو _ منظر پويان پئدا ٿيندڙ ڏيکن ۾ هڪ اوزار |
| آر ايس | پاڪستان رپي |
| پي پي ايم | پارٽ پير ملين |
| آر ڊي | رڊيوسڊ ڊسٽنس (هڪ آرڊي برابر آهي 1000 فوٽ جي) |
| ايس ڊي آر | اسپيشل ڊرائنگ رائيٽ |
| ٽي ايم | ٿيميٽڪ ميپر |
| يو ايس ڊالر | يونائيٽيڊ اسٽيٽس ڊالر |

## تفصيلي اختصار

### تعارف

10 سيپٽيمبر 2004 تي معائني واري پئنل کي معائني لاءِ هڪ درخواست (درخواست) ملي جيڪا پاڪستان ۾ موجود نيشنل ڊرينيج پروجيڪٽ (اين ڊي پي منصوبو يا "منصوبو") جي باري ۾ هئي. اين ڊي پي منصوبو 1997 ۾ شروع ڪيو ويو جنهن جي ڪجهه ماليت آءِ ڊي اي ڪريڊٽ نمبر 2999_ پي ڪي مان ٿي آهي. اين ڊي پي منصوبو لاءِ اها رقم 4 نومبر 1997 تي منظور ٿي هئي.

قرض وٺندڙ ۽ صوبائي حڪومتن لاءِ 25 ساله جوڙجڪ ٺاهڻ وارو هي اين ڊي پي منصوبو آهي جنهن جو پهريون حصو هن وقت شروع ٿيو هو جنهن ۾ تعميراتي سيڙپ، اداراتي سڌارا، تحقيق ۽ پاڻيءَ واري معاملي ۾ منصوبه بندي شامل آهن. منصوبو ان ڳالهه کي ذهن ۾ رکي تيار ڪيو ويو ته جيئن سنڌو نديءَ جي آس پاس پيدا ٿيندڙ سم ڪلر جا مسئلا حل ڪري سگهجن، جيڪي پاڪستان جي آبپاشي نظام کي مکيه خطري طور سمجهيا وڃن ٿا. منصوبي اهڙيءَ طرح سان تيار ڪيوويو هو ته جيئن انهن مسئلن جو ڪو ڊگهي عرصي تائين تدارڪ ڪندڙ حل ٿئي جنهن ۾ ايل بي او ڊي (2) جو اترائين پاسي وارو تعميرات ڪم جو زميني ڪوٽائي پڻ شامل هئي جنهن کي نيشنل سرفيس ڊرينيج سسٽم جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. اين ڊي پي واري منصوبي ۾ ٻين ڪمن سان گڏ ايل بي او ڊي واري منصوبي جو پورائو پڻ شامل هو جيڪو سندس نئي سيڙپ جو هڪ حصو هو. هيءُ منصوبو 785 ملين آمريڪي ڊالرن جي لاڳت سان منظور ڪيو ويو هو.

اين ڊي پي جي منصوبي تي تعميل دوران، هن جي اهم رٿيل ڪمن کي واپس ورتو ويو هو جڏهن منصوبي وري هڪ نئين نيڪال واري مڪمل منصوبي (ڊي ايم پي) جي پٺڀرائي ڪئي جنهن ۾ تمام گهٽا نيون رٿون آهن ۽ نيڪال جي سرشتي ۽ انهيءَ سان لاڳاپيل انتظاميا جي باري ۾ آهن. منصوبي اصولوڪي اين ايس ڊي ايس تي عمل درآمد نه ڪيو.

### درخواست ڪندڙ ۽ سندن دعويٰ جو اختصار

درخواست خادم ٽالپر، محمد علي شاهه، مصطفيٰ ٽالپر، منور حسن ميمڻ، اقبال حيدر، مير محمد بليدي ۽ نجمه جوڻيجو طرفان ملي جيڪا هنن انفرادي طور تي ۽ پاڪستان جي صوبي سنڌ جي ضلعي بدين جي ماڻهن پاران جمع ڪرائي. درخواست ۾ خصوصي طور انهن مسئلن جي اپٽار ڪئي ويئي آهي ته رٿيل اين ايس ڊي ايس منصوبي ۾ ايندڙ زمينن طرف جيڪو لوٽائيل پاڻي متوقع هو، انهيءَ ڏانهن ڌيان ڏنو وڃي. درخواست ڪندڙن دعويٰ ڪئي ته بئنڪ پنهنجي پاليسين ۽ قانون قائدن جي خلاف ورزي ڪئي آهي جنهن جي ڪري علائقي جي ماڻهن، ڪٺنبن ۽ فطري ماحول کي نقصان ٿيا آهن يا ٿيندا.

---

ايل بي او ڊي کي شروعاتي طرح 1984 ۾ آءِ ڊي اي جي بورڊ آف ڊائريڪٽرز پاران منظور ڪيل ايل بي او ڊي منصوبي جي ڪاتي مان ماليت فراهم ڪئي ويئي هئي جيڪو 31 ڊسمبر 1997 تي ختم ٿيو. ايل بي او ڊي واري سرشتي ۾ هڪ جڙندڙ نالو ۽ ٻيا نيڪال سان لاڳاپيل تعميراتي ڪم آهن جيڪي اترائين پاسي کان اچن ٿا ۽ وڃي سمنڊ ۾ چوڙ ڪن ٿا ۽ اهي تعميري ڪم انهن زمينن منجهان لنگهن ٿا جيڪي درخواست ڪندڙن جون آهن. آخري 26 ميلن تي مشتمل جوڙ کي ساموندي پٽي (ٽائيڊل لنڪ) چون ٿا.

**ماحولياتي تجزيو.** درخواست ڪندڙن جو چوڻ آهي ته اين ڊي پي منصوبي جي ڊزائين غلط ٿيل آهي جيڪا هتي جٺاءُ ڪري نه سگهندي ڇو ته انهيءَ جي ڪري جيڪي سماجي ۽ ماحولياتي مسئلا پيدا ٿيندا جيڪي انهيءَ جي رستي مان گذرن ٿا، انهن جو خيال نه ڪيو ويو آهي ۽ نه ئي وري ڪو ٻيو رستو چونڊيو ويو آهي. هنن جي دعويٰ آهي ته انهيءَ نيڪال واري سرشتي جي وچانجي وجهڻ سان سنڌو نديءَ وارو سامونڊي چوڙ سخت متاثر ٿيندو. هو وڌيڪ دعويٰ ڪن ٿا ته منصوبي جي ماحولياتي تجزيي ۾ منصوبي جي ڪري جيڪي سامونڊي وسيلن، جانورن، ٻوٽن، علاقائي سامونڊي ماحول ۽ بچاءَ لاءِ ڪم ايندڙ علائقن تي منفي اثر پوندا، انهن کي تمام بريءَ طرح نظرانداز ڪيو ويو آهي. درخواست ۾ اهو پڻ چيو ويو آهي ته ماحولياتي تجزيي ۾ قانوني پيچيدگيون آهن ڇو ته انهيءَ جي تياري دوران علائقي جي خانگي تنظيمن ۽ ٻين سماجي ماڻهن ڪان ڪو مشورو نه ڪيو ويو آهي. درخواست ڪندڙن مزيد دعويٰ ڪئي آهي ته اين ڊي پي جي منصوبي ۾ بئنڪ جي پاليسين خلاف ڪوبه ماحول جو انتظامي منصوبو (اي ايم پي) شامل ناهي ايل بي او ڊي ۾ شامل اي ايم پي ۾ به تمام گهٽي تاخير ڪئي ويئي آهي.

**قدرتي ٻوٽا ۽ جانور.** درخواست ڪندڙ چون ٿا ته منصوبي جي ڪري پاڻيءَ جي ذخيرن تي تمام منفي اثر پوندا. انهن سان ڳنڍيل ڍنڍن تي پڻ اثر پوندا جيڪي ماهيگيرن جي 40 ڳوٺن جي جياپي جو حصو آهن ۽ سنڌن ڪل آبادي 12000 ڪان 15000 ڪن ٿيندي. هنن جو چوڻ آهي ته منصوبي ۾ رٿيل نيڪال وارو سرشتو سڌو وڃي سامونڊي پٽيءَ سان ملي ٿو ۽ اهو ٻن اهم ڍنڍن وٽان گذري ويندو جيڪي نوري ۽ جهڏو نديون آهن. اهي ڍنڍون 1971 واري پاڻيءَ جي ذخيرن متعلق بين الاقوامي رمسر ڪونينشن ۾ پاڻي جي پکين جي بچاءَ طور شامل ٿيل آهن ۽ پاڪستان انهيءَ ڪنوينشن ۾ هڪ ميمبر طور شامل آهي. درخواست ڪندڙن جو چوڻ آهي ته هيءُ رستو بلڪل به نامناسب آهي ڇو ته سامونڊي پٽي جي تعمير ڪڇ جي رڻ مان ايندڙ پاڻيءَ کي ٻوڏ وارن سالن ۾ ڍنڍن ۾ وڃڻ ڪان روڪي ٿي تنهن ڪري انهيءَ منصوبي سان ڍنڍن جي ايراضي گهٽ ٿيندي ۽ ماڻهن کي مجبور ڪندي ته هو اتان لڏي وڃن.

**مقامي ماڻهو.** درخواست ڪندڙن جو چوڻ آهي ته هيءُ منصوبو خاص طور تي سامونڊي علائقن ۾ رهندڙ ملاحن تي ڏاڍا منفي اثر ڇڏيندو. هو اهو پڻ چون ٿا ته ايل بي او ڊي جي غلط منصوبه بنديءَ جي ڪري اڳيئي ملاحن جي ڪيترن ئي ڳوٺن کي ٻوڙي ڇڏيو آهي جنهن جي ڪري ماڻهن جي زندگين ۽ جياپي کي نقصان ٿيو آهي جيڪو بنيادي طور صرف مڇي ڦاسائڻ تي مبني آهي. هو وڌيڪ چون ٿا ته منصوبي ۾ علائقي جي مقامي غريب ماڻهن لاءِ ڪو اپاءُ موجود ناهي ۽ ان جي ڪري سنڌن زندگين تي تمام گهرو اثر پوندو. سنڌن جياپو خطري ۾ پئجي ويندو مزيد تعميري ۽ ثقافتي سڌارن جا امڪان ختم ٿي ويندا.

**غير رضاڪارانه لڏپلاڻ ۽ جياپي جو نقصان.** درخواست ڪندڙ چون ٿا ته هنن ڏاڍو ڀوڳيو آهي ۽ منصوبي جي ڪري اڃا به ڀوڳيندا. هو مال ۽ جياپي جا رستا وڃائي وهندا. هو دعويٰ ڪن ٿا ته جيڪڏهن اين ڊي پي جي تحت ايل بي او ڊي جي منصوبي کي جيڪڏهن وڌايو ويو ته بدين ضلعي جي 50 ڳوٺن ڪان وڌيڪ ڳوٺ ٻوڏ جي دائمي خطري هيٺ اچي ويندا. هنن جو چوڻ آهي ته ماڻهن وڏي پئماني تي پنهنجون زندگيون وڃايون آهن ۽ اها وڏي تباهي 2003 جي ٻوڏ جي نتيجي ۾ پاڻيءَ جي وهندڙ وهڪري جي ڪري آئي جو ڏار ڀيا ۽ سمنڊ پڻ انهن علائقن ۾ ڪاهي آيو آهي. هو دعويٰ ڪن ٿا ته منصوبي جي ڪري لڏپلاڻ فقط هڪ دفعي جي ڳالهه ناهي ۽ ماڻهو ڪنهن به برساتي موسم ۾ نيڪال وارن وهڪرن مان ايترو بيزار ٿيندا آهن جو هنن کي لڏڻو پوندو آهي. هنن جو چوڻ آهي ته اهڙي قسم جي لڏپلاڻ جي باري ۾ منصوبي ۾ ڪڏهن به نه سوچيو ويو آهي. تنهن ڪري هڪ مڪمل معائني ذريعي انهن پاڻيءَ جي ذخيرن جي نقصان، زندگين جي نقصان، زرعي زمينن جي نقصان ۽ سامونڊي پاڻي جي گهڙي اچڻ جي ڪري ٿيل نقصان جو ڪاٿو لڳايو وڃي ۽ متاثر ٿيل ماڻهن کي انهن جو معاوضو ڏنو وڃي.
درخواست ڪندڙ اهو پڻ خوف ظاهر ڪن ٿا ته انهيءَ منصوبي جي ڪري هزارين ايڪڙ گهربل زمين جڏهن استعمال ڪئي ويندي جتي هو رهن ٿا، ته انهيءَ جي بدلي ۾ ڪين ڪوبه معاوضو نه ڏنوويندو ۽ نه ئي وري رهائش لاءِ ڪو انتظام ڪيو ويندو جيڪو بئنڪ جي پاليسين ۾ شامل آهي. درخواست ڪندڙن جو چوڻ آهي ته هزارين ماڻهو جيڪي چوٽياري واري ذخيري جي تعمير جي ڪري لڏي ويا، انهن کي پڻ صحيح طرح سان وري ڪٿي آباد نه ڪيو ويو آهي.

**ثقافتي اثاثن جو نقصان.** درخواست ڪندڙن جو چوڻ آهي ته ايل بي او ڊي سرشتي جي هڪ ننڍي منصوبي ڪڍڻ پاڻيجي آئوٽ فال ڊرين جو رستو هڪ ثقافتي اثاثي روپا ماڙي وٽان گذري ٿو جيڪو سومرا دور ۾ سنڌ جي گاديءَ وارو هنڌ هو جتي سومرن جي دور جي آخري حڪمران دودو سومري جي مزار پڻ نهيل آهي. هنن جو چوڻ آهي ته ڪي پي او ڊي ۾ ساموندي پاڻي جي ڪري، هنن علائقن ۾ پنجن سالن دوران ٻه دفعا ٻوڏ آئي آهي. درخواست ڪندڙ چون ٿا ته انهيءَ سان علائقي جي تاريخ ۾ ثقافت کي وڏو نقصان رسندو ۽ سمجهن ٿا ته ڪي پي او ڊي جي وڌڻ جي ڪري باقي جيڪي ثقافتي جايون آهن، اهي پڻ مڪمل طور تي اتان غائب ٿي وينديون.

**ڪٺنبن جي شراڪيت ۽ معلومات جي فراهمي.** درخواست ڪندڙن جو چوڻ آهي ته علائقي جي ماڻهن کي 2003 جي ٻوڏ کان اڳ اين ڊي پي جي منصوبي ۽ سنڌس ماحولياتي تجزين جي بلڪل به ڄاڻ نه هئي، جڏهن ڪين اهو ٻڌايو ويو ته هلندڙ ايل بي او ڊي سرشتي کي وڌايو ويندو. هو چون ٿا ته هتي تمام سنجيده طور تي اهڙن اداراتي نظام جي کوٽ جيڪو معلومات کي ماڻهن تائين پهچائي ۽ متاثر ٿيندڙ ماڻهن ۽ ڪٺنبن سان منصوبه بندي جي دوران صلاح مشورا ڪري چو ته هن منصوبي ۾ منصوبه بندي کان وٺي عمل درآمد تائين ماڻهن سان صلاح مصلحت کي نظر انداز ڪيو ويو آهي. هو الزام لڳائين ٿا ته علائقي جي ماڻهن ۽ تنظيمن ورلڊ بئنڪ ۽ حڪومت سان ڪيترائي ڀيرا انهن مسئلن تي ڳالهايو آهي پر بئنڪ، امدادي ايجنسيون ۽ حڪومت جا اختياري وارا هميشه خاموش رهيا آهن ۽ عملي طور سندن مسئلن تي ڪوبه قدم نه کنيو ويو آهي.

## بئنڪ جي انتظاميا پاران رد عمل

انتظاميا سمجهي ٿي ته درخواست ڪندڙن جا گهڻا مسئلا ايل بي او ڊي جي اسٽيج 1 واري منصوبي سان تعلق رکن ٿا ۽ وڌيڪ اميد رکي ٿي ته اين ڊي پي ايل بي او ڊي جي نالي کي اترائين طرف مزيد بلڪل نه وڌائيندي. انتظاميا جو چوڻ آهي ته اين ڊي پي جي منصوبي جو اصل مرڪز ئي اهو هو ته سنڌو نديءَ جي آبپاشي نظام ۾ نيڪال جي سرشتي ۽ ماحولياتي نفعن نقصانن جو خيال رکيو وڃي چو ته هڪ بهتر نيڪال واري نظام جي کوٽ سنڌو نديءَ جي پوري آبپاشي نظام لاءِ خطرو آهي.انتظاميا اهو پڻ چوي ٿي ته ته اين ڊي پي جو منصوبي جي اڳيان اداراتي ۽ پاليسيون سڌارڻ جي ايجنڊا هئي ته ان جي پنيان سيڙپ جو پروگرام هو. انتظاميا اهو قبول ڪري ٿي ته آبپاشي نظام ۾ نيڪال جي سرشتي بهتر انتظامي اڳواٽي ڏيڻ لاءِ ۽ بدعنواني کان بچڻ لاءِ جنهن تيزيءَ سان ڪم ٿيڻ ڪپندو هو، اهو ٿي نه سگهيو. انتظاميا اهو پڻ اندازو لڳائي ٿي ته جڏهن اين ڊي پي منصوبي سان اڳوٽي اين ايس ڊي ايس جي حل جي ڪا اهميت نه رهي هئي ته پوءِ ٻن معائني وارن پينلن پاران ڏنل نتيجن ۽ اپياسن جي روشنيءَ ۾ ڪجهه بيا حل پڻ نڪري آيا آهن.

**ماحولياتي تجزيو.** انتظاميا اين ڊي پي منصوبو او ڊي 4.01 کان اي اي جي درجي نمبر بي تحت منظور ڪيو هو. رد عمل ۾ اهو مڃيو ويو آهي ته درجو اي هن منصوبي لاءِ انتهائي موزون هو. رد عمل جي رپورٽ مطابق، منصوبو بي صورت ۾ او ڊي جي 4.01 جي ڪيترن ئي ضرورتن مطابق صحيح بيو وڃي. نيڪال جي سرشتي واري 1993 جي ماحولياتي تجزيي (ڊي ايس اي اي) پاران نيڪال واري پاڻيءَ لاءِ ڏنل ٻين طريقن جهڙوڪ پاڻي خارج ڪرڻ، وري استعمال ڪرڻ يا وري ٻئي سرشتي مان گذاري استعمال ڪرڻ تي پڻ غور ڪيو ۽ هيٺاهين سنڌ ۾ اهڙيوا ساموندي مسئلن سان لاڳاپيل اپياس منصوبي ۾ شامل ڪرايا. انتظاميا چوي ٿي ته منصوبي جي ڊزائين ۾ بچاءَ وارا طريقا رکيا ويا هئا. انتظاميا اهو پڻ چوي ٿي ته اين ڊي پي جي منصوبي ۾ هڪ ماحول جو انتظامي منصوبي (اي ايم پي) جي تياري شامل هئي ۽ ان سلسلي ۾ پاڻيءَ سان لاڳاپيل اي ايم پي جي جوڙجڪ عمل ڪرائڻ لاءِ ٺاهي ويئي هئي جيڪا فيبروري 2002 ۾ تيار ٿي هئي ۽ ان ۾ ڊزائين جا تفصيل شامل ڪيا ويا هئا. جيتوڻيڪ انتظاميا اهو پڻ مڃي ٿي ته انهيءَ اي ايم پي تي منصوبي جي معاهدي مطابق تعميل نه ٿي سگهي هئي.
انتظاميا اهو ٻڌائي ٿي ته 1989 واري ايل بي او ڊي سان لاڳاپيل اي آءِ اي مطابق ساموندي پاڻيءَ جي ڪري ڊيڊن جي ماحول تي سنجيده اثر پوندا ۽ تنهن ڪري ئي اترائين طرف ساموندي پاڻي کي متي ڪيو ويو ۽ چولري بند(3) ٺاهيو ويو ته جيئن سمنڊ جي هيٺين سطح واري پاڻيءَ دوران ڊيڊن ۾ نيڪال جي پاڻي اچڻ جي خطري کي ٽاري سگهجي. انتظاميا اهو پڻ چوي ٿي ته جڏهن کان ايل بي او ڊي جي سرشتي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو تڏهن کان ساموندي پاڻي تي مسئلا شروع ٿي ويا جن ۾ 250 فوگه گهرائي تائين بند جو پچي پوڻ پڻ شامل آهي. ڏار پيل بند کي روڪڻ لاءِ جيڪي به ڪوششون ڪيون ويون اهي برساتي موسم ۾ ڪم واري جڳهه تائين پهچڻ جا ذريعا نه هجڻ جي ڪري ناڪام ٿي ويون. ان کان پوءِ يڪدم آيل طوفان بند کي اتڪل مڪمل طور تي تباهه ڪري ڇڏيو ۽ ساموندي پاڻي واري

ٽلهي ۾ پڻ ڏار وجهي ڇڏيا. انتظاميا اهو مڃي ٿي ته سخت موسمي حادثن جي ڪري ماڻهن جي جياپي تي اثر پيو آهي پر اهو نه ٿي سمجهي ته انهن مسئلن جو اهم سبب ساموندي پاڻي جو ٽنڊ ۾ چولري بند جو پڃڻ آهي.
انتظاميا دعويٰ ڪري ٿي ته اين ڊي پي جي منصوبي تي عمل ٿيڻ سان سنڌو نديءَ واري ساموندي ڇيڙي جي ماحولياتي مسئلن ۾ ڪوبه واڌارو نه ايندو ۽ نه ئي ساموندي علائقن کي ڪو نقصان ٿيندو. اها مڃي ٿي ته سنڌو نديءَ واري ساموندي ڇيڙي وٽ تمام سنجيده مسئلا آهن جيڪي سنڌو نديءَ جي آبپاشي نظام جي ڪري پيدا ٿيا آهن جن جي ڪري تازي پاڻيءَ جي وهڪري کي تبديل ڪري ڇڏيو آهي ۽ اها مڃي جيڪا سنڌونديءَ جي ساموندي ڇيڙي ۾ جمع ٿيڻ گهرجي، انهيءَ مقدار گهٽجي ويو آهي.

---

چولري بند هڪ 1800 فوٽ گهري سيمنٽ ۽ بجريءَ جي مرڪب سان ٺهيل ديوار آهي جيڪا ساموندي پاڻي واري احاطي ۾ چولري ڍنڍ وٽ لنگر جيان جڙيل آهي. اها ڍنڍن کي ساموندي پاڻيءَ ۾ وڃي ملڻ کان روڪڻ لاءِ ٺاهي وئي هئي جڏهن ته اوچي ساموندي سطح دوران ڪجهه وهڪرا ڇڏيا ويا هئا ۽ مٿين سطح واري پاڻيءَ کي نظر ۾ رکيو ويو هو.

**غير رضاڪارانه لڏپلاڻ.** انتظاميا ڄاڻو آهي ته هيٺين سنڌ ۾ هميشه ٻوڏ جا خطرا رهن ٿا پر اهو سمجهي ٿي ته اين ڊي پي جي منصوبي تي عمل درآمد ٿيڻ سان انهن ٻوڏ وارين حالتن ۾ وڌاءُ ٿيڻ جوڪوبه واسطو ڪونهي. هن جو چوڻ آهي ته ايل بي او ڊي جي تعمير ٿيڻ ڪان پهرين به ان علائقي ۾ ٻوڏ اچڻ جا ان ڪان وڌيڪ خطرا موجود هئا. انتظاميا اهو ٻڌائي ٿي ته بئنڪ ڪي ڪي پي او ڊي، ڊي پي او ڊي ۽ جڙندڙ نالي ڪي وڌائڻ جو ڪوبه خيال ڪونهي. ڪي پي او ڊي ۾ هلندڙ يا رٿيل ڪم صرف انهيءَ سان لاڳاپيل تعميري شين جي سار سنڀال ڪرڻ واسطي آهن. هوءَ وڌيڪ چوي ٿي ته لڏيل ماڻهن ڪي زمين ڏيڻ ۽ زمين جي چونڊ ڪرڻ جي جوڙجڪ (ايف ايل اي آر) 1996 ۾ تيار ڪئي ويئي هئي ته جيئن منصوبي دوران ٿيندڙ لڏپلاڻ ڪي قانوني شڪل ڏيئي سگهجي پر علائقي جي اختياري وارن انهيءَ تي عمل ڪرائڻ لاءِ تمام گهڻا اعتراض ڪيا. جڏهن ڪوبه معاهدو آخري شڪل اختيار نه ڪري سگهيو ته اهو فيصلو ڪيو ويو ته آءِ ڊي اي جي ماليت سان لاڳاپيل فقط انهن منصوبن ڪي شامل ڪيو وڃي جن ۾ زمين جو جهڳڙو ۽ لڏپلاڻ شامل ناهي. بئنڪ اهو پڻ فيصلو ڪيو ته ايف ايل اي آر جي مسئلي ڪي وري نه ڇيڙيو ويندو.

**قدرتي جانور ۽ ٻوٽا.** انتظاميا مطابق، اين ڊي پي منصوبي اهڙي ڪنهن به منصوبي جي پنيرائي نه ڪئي آهي جنهن جي ڪري رمسار ڪنوينشن هيٺ ايندڙ ڍنڍن نوري ۽ جهڏو ڪي ڪو نقصان پهچي ۽ مزيد تجزيي جي ضرورت آهي جنهن تحت انهيءَ ڳالهه جو ڪاٿو لڳائي سگهجي ته آيا انهن ڍنڍن ڪي چولري بند جي ڀڄڻ ۽ سامونڊي پٽيءَ ۾ ڏار پوڻ جي ڪري نقصان ٿي سگهي ٿو.

**مقامي ماڻهو ۽ ثقافتي اثاثا.** انتظاميا سمجهي ٿي ته او ڊي 4.20 منصوبي سان لاڳاپيل ڪونهي ڇو ته مڇيون ڦاسائڻ وارو ملاح ڪٽنب بئنڪ جي پاليسين مطابق مقامي ماڻهن ۾ شمار نه ٿا ٿين. ثقافتي اثاثن متعلق انتظاميا چوي ٿي ته مستقبل ۾ اين ڊي پي اندر ڪي پي او ڊي منصوبي ڪي وڌائڻ جو ڪو پروگرام ڪونهي ۽ يقين ڏياري ٿي ته ڪابه ثقافتي جڳهه متاثر نه ٿيندي. جڏهن ته ڪي پي او ڊي جي ڊزائين ۾ دودو سومرو جي قبر واري علائقي ڪي ڪوبه نقصان ٿيڻ جو انديشو ڪونهي ڇو ته ڪي پي او ڊي ڊزائين مطابق انهيءَ جڳهه تي سيپ ڪان مٿين پاڻيءَ جي سطح اصل جڳهه ڪان 1_2 ميٽر هيٺ آهي.

**ڪٽنبن جي اشتراڪيت.** انتظاميا جو چوڻ آهي ته هارين جي تنظيمن ناهڻ سان اين ڊي پي منصوبي هڪ موقعو فراهم ڪيو آهي ته جيئن گروپن ۾ وٺي پنجي سگهي ته جيئن هاري زمينن ۾ حصيداري ڪري سگهن ۽ ڪئنال جي پڇڙين تي ڪم ڪندڙ هارين ڪي پاڻيءَ جي ورهاست ۾ فيصلي ڪرڻ جو ڪجهه اختيار ملي سگهي. انتظاميا اهو بيان ڪري ٿي ته 1993 وارو نيڪال جي سرشتي ۾ ماحول بابت تجزياتي رپورٽ (ڊي ايس اي اي) اپريل 1996 ۾ عام ماڻهن جي معلومات لاءِ موجود ڪئي ويئي هئي جڏهن ته ملڪ ۾ موجود اشتراڪين ۾ ماحول بابت متاثر ٿيلن بابت ڪابه معلومات سامهون نه آئي. جڏهن ايف ايل اي آر ۽ پي آءِ ڊي وارا دستاويز پڻ عام ماڻهن لاءِ موجود هئا. انتظاميا بيان ڪري ٿي ته 2001 ڪان وٺي منصوبي جي باري هڪ خبرنامو مسلسل سنڌي ٻوليءَ ۾ هارين درميان ورهايو وڃي ٿو.

معائني واري رپورٽ ۽ ممڪن پاليسيون توڙي طريقا

هن رپورٽ ۾ درخواست ڪندڙن جي مسئلن جي اپٽار ڪندي پئنل جي معائني جي پڇاڙي ٿيندي. پئنل جي اڳواڻي ورنر ڪين ڪئي، هن معائني دوران ڇئن ٻين ماهرن هر هڪ پاڻيءَ جي سائنس، سماجي تبديليءَ جي سائنس، ماحوليات جي سائنس ۽ زرعي پاڻيءَ واري سائنس جي ماهرن پڻ اڳواڻ سان تعاون ڪيو.
رپورٽ ۾ درخواست ڪندڙن پاران ڪيل دعوائن جي حقيقت ڪي چڱيءَ طرح جاچيو ويو آهي. انهيءَ ۾ انتظاميا پاران داخل ڪرايل رد عمل تي پڻ غور ڪيو ويو آهي. معائني دوران پئنل پاران درخواست ڪندڙن جي ڏنل دستاويزن، بئنڪ جي عملي پاران ڏنل دستاويزن، ملڪي ۽ صوبائي اختياري وارن پاران ڏنل دستاويزن، فردن ۽ متاثر ٿيل علائقي جي تنظيمن پاران ڏنل دستاويزن، خانگي تنظيمن جي ڏنل ڪاغذن ۽ ٻين ڪيترن ئي وسيلن سان مليل دستاويزن ڪي چڱيءَ طرح پرکيو ويو آهي. پئنل بئنڪ جي عملي جو واشنگٽن ۽ اسلام آباد ۾ الڳ الڳ انٽرويو ڪيو. هنن متاثر ٿيل علائقن جي ٻه ڀيرا هڪ نومبر 2004 ۾ ۽ ٻيو مئي 2005 ۾ دورو پڻ ڪيو.

پئنل پاران ڪيل دوري ۾ هو درخواست ڪندڙن، مختلف مقامي ماڻهن ۽ ڪٽنبن، ملڪي توڙي صوبائي اختياريءَ وارن، خانگي تنظيمن جي اڳواڻن، لاڳاپيل ماهرن ۽ ٻين ڪيترن ماڻهن سان مليا. پئنل درخواست ڪندڙن جي ڪيل دعويٰ ڪي جاچڻ لاءِ ڪُپل معلوماتي دستاويز پڻ جمع ڪيا.

درخواست ڪندڙن جي دعويٰ ڪي چڱيءَ طرح پرکڻ لاءِ پئنل ايل بي او ڊي ۽ اين ڊي پي جي وچ ۾ تعلق ڪي سمجهڻ لاءِ مناسب تجزيو ڪيو. پئنل اهو مڃي ٿو ته ايل بي او ڊي منصوبو 1997 ۾ ختم ٿي ويو پر اهو پڻ ڏسي ٿو ته ايل بي او ڊي ۽ چوٽياري واري پاٽيءَ جي ذخيري(4) واري منصوبي جي ختم ٿيڻ ڪان پوءِ انهن ٻنهي منصوبن سان لاڳاپيل شيون اين ڊي پي ۾ شامل ٿي ويون. پئنل سمجهي ٿو ته اين ڊي پي منصوبي سان ڳنڍيل جيڪي به نقصان وارا مسئلا لاڳاپيل آهن، انهن جو ايل بي او ڊي جي عنصرن سان سڌو تعلق آهي ۽ هاڻوڪي صورتحال ڪي ڏسندي، انهن جو تعلق چوٽياري واري پاٽيءَ جي ذخيري سان پڻ آهي. هو سمجهن ٿا ته اهو پڻ اين ڊي پي جي مرڪزي ڪمن ۾ شامل هو ته هو ايل بي او ڊي جي سرشتي جو پورائو ڪن ۽ پوءِ انهيءَ ڪي اهميت جي مطابقت سان اڳتي وڌائين. اهو سڄو ڪم ايل بي او ڊي جي سرشتي سان لاڳاپيل عنصرن جي صحيح طرح هلڻ سان ۽ ملندڙ سامونڊي پٽيءَ سان جڙيل هو. نتيجي طور منصوبي ڪي سماجي توڙي ماحولياتي پچ ڏاهه سان منهن ڏيڻو هو ۽ انهيءَ سان وچي ملندڙ سامونڊي پٽيءَ سان پڻ تعلق هو جيڪا منصوبي جي درميان اچي ٿي.

انهيءَ متن جي زمري ۾ پئنل اهو ڏٺو ته آيا بئنڪ هيٺ ڏنل پاليسين ۽ قانونن جو ڪيترو پورائو ڪيو آهي:

- ماحولياتي تحقيق (اينوائرنمينٽل اسيسمينٽ) او ڊي آڪٽوبر 1991
- قدرتي ٻوٽا ۽ جانور (نيچرل هيبيٽ)، او پي 4.04 سيپٽيمبر 1995
- مقامي ماڻهو (انڊيجينيس پيوپل)، او ڊي 4.20، سيپٽيمبر 1991
- مڙهيل لڏپلاڻ (انوالنٽيري ريسيٽلمينٽ)، او ڊي 4.30 جون 1990
- ثقافتي اثاثن جي سار سنڀال (مينيجمينٽ آف ڪلچرل پاورٽي)، او پي اين 11.30سيپٽمبر 1986
- منصوبي جي نگراني (پروجيڪٽ سپرويزن) ، او ڊي/او پي/بي پي 13.05 مارچ 1989 ۽ جولاءِ 1991
- معلومات جو انڪشاف (ڊسڪلوير آف انفارميشن)، بي پي 17.50 مارچ 1994 ۽ جون 2002
- هنگامي حالتن ۾ اپاءَ وٺڻ لاءِ مدد (ايمرجنسي رڪوري اسسٽنس)، او پي 8.50، آگسٽ 1995

---

(4) قرض وٺندڙ جي ايف ايل اي آر جي رد ڪرڻ ڪان پوءِ بئنڪ منصوبي جي هن حصي جي پٺڀرائي نه ڪئي پر لڏپلاڻ جي مسئلي جي نگراني ڪرڻ لاءِ فيصلي ڪي خالي رکيو چو ته اهو مجموعي طور تي سموري منصوبي جو هڪ حصو هو. هن رپورٽ جي باب نمبر 3 ۽ 4 ڏسو.

## پس منظر ۽ اصل متن

اين ڊي پي جو منصوبو سنڌو نديءَ ۾ آبپاشي نظام جي قديم تاريخ جي حوالي سان هڪ ڊگهي نظر رکي ٺاهيو ويو آهي جنهن جو پس منظر چار هزار سال پراڻي تهذيب تي ڦهليل آهي. صدين تائين، آبپاشي نظام ننڍڙي پيماني تي رهيو آهي ۽ علاقائي سطح تي ڪم ڪندو رهيو آهي. ارڙهين ۽ اوڻهين صديءَ دوران ۽ وهين صديءَ جي شروعاتي سالن دوران، اهو وڏي پيماني تي اڀريو. 19هين صديءَ جي آخر ۽ 20هين صديءَ جي شروع ڌاري جمنا ندي، گنگا ندي ۽ سنڌو نديءَ مان ڪينالون ڳاڙهڻ جو سرشتو پيدا ٿيو جنهن انهيءَ نظام کي ڪوليو.
سنڌو ماٿري ۾ دنيا جو وڏي ۾ وڏو آبپاشيءَ جو نظام هلي ٿو. هن آبپاشي نظام جي ڪري سنڌ ۽ پنجاب ۾ نيون هارين جون زمينون سالن اندر آباد ڪيون ويون. گذريل ڇهن ڏهاڪن دوران ورلڊ بئنڪ پاڪستان جي پاڻيءَ وارن معاملن ۾ تعميراتي ڪمن، ڪئنالن مان نڪرندڙ واهن، بئراجن ۽ پاڻيءَ جي ذخيرن اندر سڀ کان وڏي امدادي ايجنسي رهي آهي.
هن آبپاشي نظام تمام اهم مسئلن طرف ڌيان ڇڪايو،خاص طور تي سم ڪلر (جن کي "ٻئي مسئلي" طور ۽ "ٻئي نقصان" طور حوالو ڏنو ويندو آهي). ڪيترن سالن کان وڏي پيماني جي نيڪال جي سرشتن کي متعارف ڪرائي انهن مسئلن کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پيئي وڃي. انهن نيڪال جي سرشتن جي لڳائڻ سان زرعي پيداوار ته وڌي پر ان جا پنهنجا سماجي ۽ ماحولياتي نقصان پڻ سامهون آيا. آبپاشي نظام ۽ نيڪال جي سرشتي جا صحت ۽ ماحول تي پوندڙ منفي اثر خاص طور تي نديءَ جي پڇڙيءَ وارن علائقن تي گهڻا پون ٿا.
ايل بي او ڊي جو منصوبو ۽ انهيءَ سان لاڳاپيل ساموندڊي پٽي نيڪال جي سرشتي جا تمام اهم عنصر آهن. ساموندڊي پٽي 26 فوٽ ڊگهي ۽ 92 فوٽ ويڪري نيڪال جو وهڪرو آهي جيڪو سموري وهڪري کي سمنڊ سان ملائي ٿو پر اهو انهن سمورن علائقن مان گذري ٿو جتي درخواست ڪندڙ رهن ٿا ۽ جتان ڊيڊيون ۽ پاڻيءَ جا ذخيرا گذرن ٿا. ايل بي او ڊي ۽ ساموندڊي پٽيءَ زرعي پيداوار کي وڌايو ٿي پر سنڌ جي ڏاکڻي علائقن تي ڪجهه منفي اثر پڻ ڇڏي پيو، خاص طور تي جڏهن ساموندڊي پٽيءَ واريون اهم تعميري جايون ڪرڻ شروع ٿيون. اين ڊي پي جو منصوبو نديءَ ۾ آبپاشي نظام ۽ نيڪال جي نظام کي بهتر بنائڻ لاءِ جاري ڪيو ويو. جيئن مٿي چيو ويو آهي ته منصوبو ايل بي او ڊي کي مڪمل ڪرڻ لاءِ هڪ نيڪال واري نظام ۾ هڪ گهٽي مدت واري حل جو بنياد وجهڻ لاءِ شروع ڪيو ويو آهي ۽ گهڻو وقت وٺندو.

## منصوبي جي تاريخ، منصوبه بندي ۽ اثر

ڪيترن سالن تائين، اهي سم ڪلر وارو ٻئو مسئلو گهڻو ڪري هڪ ٽيڪنيڪل مسئلي طور سمجهيو ويندو هو ۽ ٽيڪنيڪل مداخلت جي ڪري پانيو ويندو هو. ايل بي او ڊي جو منصوبو هڪ انتهائي بهترين تعميري منصوبي تحت تعميراتي ڊانچن کي ٺاهڻ تي مرڪوز رهيو ۽ انهيءَ خيال جي پٺڀرائي ڪري ٿو. تازو ئي گهٽي توجهه انهيءَ ڳالهه تي ڏني پيئي وڃي ته بهتر پاليسيون ۽ اداراتي سڌارا آندا وڃن. اها ڳالهه اين ڊي پي منصوبي جي پاليسي واري فقري ۾ واضع ٿيل آهي، گڏوگڏ پاڻيءَ جي انتظاميا ۽ ان جي استعمال وارن فقرن ۾ پڻ واضع ٿيل آهي. ساڳئي وقت اين ڊي پي منصوبي ۾ سيڙپڪاري وارو حصو پڻ شامل ڪيو ويو آهي ۽ مڪمل ڪرڻ لاءِ نئي ڊزائين ڪيو ويو هو ۽ بنيادي طور تي ايل بي او ڊي جي سرشتي کي وڌائڻ لاءِ ٺاهيو ويو هو.
اين ڊي پي جي منصوبي کي سمجهڻ ۽ تجزيو ڪرڻ لاءِ معائني واري پئنل ايل بي او ڊي جي سرشتي جي عنصرن جو ڀيهر جائزو ورتو. اهو جائزو ايل بي او ڊي جي سرشتي ۾ موجود ڊزائين وارن عنصرن ۽ ڪارڪردگي وارن عنصرن کي مرڪز بنائي ورتو ويو آهي جن جو اين ڊي پي منصوبي کي وڌيڪ هلائڻ سان گهرو تعلق آهي ۽ جن جو منصوبي مان متاثر ٿيل ماڻهن جي زندگين، جياپي ۽ ماحولياتي اثر سان گهر تعلق آهي.

## ايل بي او ڊي ۽ ساموندڊي پٽي: رستي جي چونڊ ۽ ماهرانه منصوبه بندي

ايل بي او ڊي منصوبو مکيه طور سنڌ صوبي ۾ مرڪوز هو. ان منصوبي ۾، 300 ڪلوميٽر نيڪال واري نالي جو پورائو، هاڻوڪي نالي جي ڀيهر جوڙجڪ، لوڻاٺيل پاڻي کي سمنڊ ۾ نيڪال ڪرڻ، ڪئنالن جي ڀيهر جوڙجڪ، چونڊياري واري ذخيري جي تعمير ۽ ماهرانه معاونت وارا ڪم شامل هئا. ايل بي او ڊي جو جوڙيندڙ نالو اتر سنڌ جي ٽن ضلعن مان وهڪرن کي (ڪي پي او ڊي سميت ) جمع ڪري ساموندڊي پٽي جي ذريعي سمنڊ ۾ اڇلائي ٿو.
ساموندڊي پٽيءَ ڏانهن ويندڙ رستو کهڙو هجڻ گهرجي، ان بابت اهم فيصلا ايل بي او ڊي جي منصوبي اندر ڪيا ويا هئا. سڀ کان بهتر ماهرانه طور تي قابل قبول رستو اهو هوندو جنهن کي قدرتي طور تي هڪڙو لهوارو ملي جيڪو

ايل بي او ڊي کي شڪور ڊينڊ سان ملائي. انهيءَ رستي کي چونڊڻ کان پوءِ حالانڪ ڪڇ جي رڻ مان هڪ ڇير وجهڻو پوي ها جيڪو پاڪستان ۽ ڀارت جي سرحدن اندران گذري ٿو.
منصوبي جي منصوبه بندي ڪندڙ ماحولياتي طور تي جيڪي حدون هونديون آهي، انهن کي اورانگهڻ لاءِ ذميوار هئا ۽ هنن کي اهڙن قدمن کڻڻ جي به ضرورت هئي جو ڀارت جي سرحدن کي اورانگهڻو نه پوي. بئنڪ بهرحال اهو نقطه نظر قبول ڪيو ته نيڪال جي خارجيت پاڪستان جي حدن ٿيڻ گهرجي. پينل اها ڳالهه ڏٺي ته ساموندي پٽيءَ ڏانهن ويندڙ نيڪال واري رستي جي چونڊ ۾ سياسي مصلحتون هيون ڇو ته ان سان بين الاقوامي سرحدن ڏانهن پاڻيءَ جي نيڪالي گهٽجي رهي هئي. ان ڪري اهو رستو ماهرانه طور تي توڙي ماحولياتي طور تي خطري کان خالي نه هو. ڪجهه حادثن کي ڏسي يقين ٿيو آهي ته هيٺين سنڌ ۾ چونڊيل رستو انتهائي ڏکيو رستو هو ۽ هڪ جهڳڙي واري صورتحال پيدا ٿي پئي سگهي. ڪمپيوٽر تي حاصل ڪيل معلومات خاطري ڏياري آهي ته علائقائي ماڻهن پاران ڪجهه شڪي ڳالهيون ڪيون پئي ويون.
پينل جي ماهرن ساموندي پٽي سان ڳنڍيل بندن ۽ چولري بند جي منصوبه بندي جي ماهرانه عنصرن تي هڪ ڀيرو ٻيهر نظر وڌي آهي جنهن تجزيي ۾ پاڻيءَ جي وهڪرن جي معلومات، زمين جي سائنس جي چڪاس ۽ بند لاءِ زمين جي مٽي وارا عنصر شامل آهن. پينل اهو مشاهدو ڪيو ته مکيه ماهرانه غلطيون ساموندي پٽيءَ جي بندن ۽ چولري بند جي منصوبه بندي دوران ٿيون آهن. (5)
ماضيءَ جي رڪارڊ ۽ چڪاسن مان معلوم ٿيو ته بدين ۾ سخت برساتن جي ڪري ايل بي او ڊي جي منصوبي کان اڳ به ٻوڏ ايندي رهي آهي. منصوبه بندي ڪندڙن حالانڪ انهيءَ ڳالهه تي بلڪل غور نه ڪيو ته نيڪال جي پاڻيءَ جي ڪري ٻوڏ وارو پاڻي هيٺين علائقي ۾ ماضيءَ جي مقابلي ۾ وڌيڪ وڌي ويندو جنهن جي ڪري هاڻوڪي خطري کان به خطرو وڌي ويندو. پينل اهو پڻ تجزيو ڪيو آهي ته منصوبه بندي ڪندڙن موسمي حالتن کي ڏسندي انهيءَ ڳالهه تي به غور نه ڪيو آهي ته اوچي سطح جو پاڻي جيڪو نديءَ جي مٿين پاسن کان وهي ٿو جڏهن سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو ته اوچي پاڻيءَ وارين سطحن کي ڇهندو.

(5) پينل اهڙا ڪيني مثال ڏنا جتي گهٽ درجي جو تعميراتي ڪم ٿيل هو( جيئن پينل جي اهم رپورٽ ۾ اها ڳالهه بحث هيٺ آئي آهي.

ساموندي پٽي طوفانن کي کي منهن ڏيڻ لاءِ ناهي ويئي هئي جنهن ۾ وقفي وقفي سان 5 سال لڳا هئا. اها ٻوڏ جي ڪري تعميري منصوبن کي جيڪي خطرا هوندا آهن، لڏپلاڻ ۽ ماڻهن کي جيڪي خطرا هوندا آهن انهن کي بچائڻ لاءِ نه ٺهي آهي. ساموندي پٽيءَ جي منصوبه بندي ڪندڙن اهو به تخمينو لڳايو آهي ته طوفان وارين حالتن ۾ نيڪال واري سرشتي جي مٿين سطح تي رهندڙ ماڻهو آبپاشي وارين ڪنالن کي بند ڪري زير زمين پاڻيءَ جي مقدار کي گهٽائي ڇڏيندا ته جيئن طوفاني پاڻيءَ کي وهڪري لاءِ بهتر رستو ملي سگهي. 2003 جي طوفاني برساتن دوران ڪيل منصوبه بندي جو ڪاٿو ناڪام ٿي ويو. گڏوگڏ اضافي پاڻيءَ کي گڏ ڪرڻ لاءِ ڪي به زخيرا نه هئا، نه ئي ان پاڻيءَ کي زرعي زمينن ۾ سنڀالڻ جو ڪو جوڳو انتظام ڪيل هو جو اوچي سطح جي ٻوڏ واري پاڻي کي گهڙي پوڻ کان بچائي سگهجي. پينل اها تنقيد ڪري ٿو ته مکيه نالو ناهڻ وقت مٿين سطح جا سلامتي وارا پئمانا ذهن ۾ رکيا وڃن ها.

پينل اهو ڏٺو آهي ته خطري جي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪي به منصوبا تيار نه ڪيا ويا هئا جيئن خطري هيٺ آيل علائقن ۾ ٻوڏ کي بچاءَ جا اپاءَ يا ٻوڏ کي روڪڻ لاءِ وڏا دروازا ناهيا ويا هئا نه ئي وري ساموندي پٽيءَ ڏانهن ويندڙ ٻوڏ کي روڪڻ جا ڪي دروازا ناهيا ويا هئا. اهڙي ڪا به سهوليت فراهم نه ڪئي ويئي هئي جنهن جي تحت ماڻهن کي ٻوڏ جي خطرن کان آگاهه ڪري سگهجي. پينل جي منصوبه بندي ڪندڙن سخت موسمي حالتن کي نظر انداز ڪري ڇڏيو هو ۽ وڏي درجي وارن طوفانن کي منهن ڏيڻ لاءِ ناڪافي انتظام ڪيا هئا.

پينل اهو پڻ تجزيو ڪيو آهي ته ساموندي پٽي جون تعميراتي جايون سرشتي سان گڏ ڪم ڪرڻ جي قابل نه هيون پر ڊزائين ۾ پڻ اصولي خطرا شامل هئا. جڏهن ته منصوبه بندي ۽ تعمير سڌو سنئون هلندا رهيا انهيءَ خطري کي نظر ۾ نه رکندي ته تعميرون هڪ ممڪن نقصان لاءِ رستو کولي رهيون هيون. هيٺين بدين جي ماڻهن خطرن کي نظر انداز ڪرڻ جي ڪري ۽ مناسب ماهرانه قدمن نه کڻڻ جي ڪري ڏاڍو ڀوڳيو آهي.

## تعمير جي ڪمن ۾ ناڪاميون ۽ علائقي جي ماڻهن توڙي ماحول تي اثر

ايل بي او ڊي ۽ ساموندي پٽيءَ جي منصوبه بندي هوائن ۽ پاڻيءَ جي وهڪري کي نظر ۾ رکندي نه ڪئي ويئي هئي. رڳو جڏهن تعميرات بيٺيون هيون، تڏهن به ماحولياتي تبديليون ٿي رهيون هيون.

جيئن ئي ساموندي پٽيءَ سان لاڳاپيل تعميرات ڪرڻ لڳيون، مسئلا اچا به وڌي ويا. چولري بند، جيڪو پڻ انهن مان هڪ هو، ان کي ڍنڍن جي بچاءَ لاءِ ۽ ڪين ساموندي پٽيءَ مان ايندڙ پاڻيءَ کان بچڻ لاءِ ناهيو ويو هو يا ڪين ساموندي پٽيءَ ۾ لڙهي وڃڻ کان بچاءَ لاءِ اهو بند ناهيو ويو هو، شروع کان وٺي انهيءَ بند جي ڪارڪردگي صحيح نه هئي. سيپٽيمبر 1996 ۾ ورتل پئمانا ٻڌائين ٿا ته بند وٽان تمام اگرا وهڪرا وهيا هئا. 24 جون 2004 جي رات تي بند جو تمام وڏو حصو ڪري پيو. جڏهن ته انهيءَ نقصان جي مرمت ڪرڻ لاءِ تمام گهڻيون تڪليفون ڪٽڻيون پيون چو ته ٽڪ وڏو رسيل هيو ۽ هنڌ تمام پري هو.

21 مئي 1999 تي هڪ 2 اي درجي جو طوفان بدين ۽ ٺٽي ضلعي ۾ آيو ۽ چولري بند اٽڪل سمورو تباهه ٿي ويو ۽ نتيجي ۾ سمنڊ جو پاڻي ساموندي پٽيءَ مان تمام گهڻو وهي نڪتو. مختلف علائقن ۾ 54 ڏار پيا جن جي ڪري پر ۾ رهندڙ آبادين جي تباهي آئي ۽ ڪيئي جانيون ضايع ٿيون. انهيءَ کان پوءِ پيل ڏار جي ڪري هڪ ساموندي کاري ٺهي ويئي آهي ۽ لوٽائيل ساموندي پاڻي آرام سان هيٺ پاٽيجي ۽ چولري ڍنڍ ۾ وهي اچي ٿو. ٻيئي ڍنڍون خالي ٿي وينديون آهن جڏهن پاڻي هيٺين وير واري وقت واپس لهي ويندو آهي. ساموندي پٽيءَ سان ڳنڍيل بند ٽڪرن ۾ ورهائجي ويا آهن پر چئنل اڃا تائين هڪ نيڪال واري سرشتي جي حيثيت ۾ ڪم ڪري رهيو آهي.

ايل بي او ڊي جي سرشتي جي ڪري هيٺاهين سنڌ ۾ جيڪي اثر ٿيا آهن، اهي تمام شديد آهن. اهي اثر پاڻيءَ جي ميزان، وهڪري ۽ لوڻ سان گڏ پاڻيءَ ۾ ايندڙ آلودگي سان لاڳاپيل آهن. ايل بي او ڊي جي سرشتي ۽ ساموندي پٽيءَ جي ڪجهه حصي جي تباهيءَ عام ماڻهن لاءِ ٻوڏ جا خطرا وڌائي ڇڏيا آهن. صورتحال خصوصي طور تمام خراب ٿي ويندي آهي جڏهن زمين جي اندر برساتون هونديون آهن ته سمنڊ ۾ طوفان سان گڏ اوچي وير چڙهيل هوندي آهي. 2003 جي برساتن کان پوءِ آيل ٻوڏ ڪيترين ئي جانيون ضايع ڪيون.

گڏوگڏ پاڻيءَ ۾ وڌندڙ لوڻ جي ڪري زرعي زمينون وڏي پئماني تي متاثر ٿيون آهن ۽ ساموندي پٽي جي ناڪام ٿيڻ کان پوءِ ڍنڍن جي ماحول، جانورن ۽ مڇين جي زندگي تمام گهڻو متاثر ٿي آهي جن تي ماڻهن جو جياپو سمايل آهي. هنن علائقن جا ماڻهو پيئڻ جي پاڻيءَ لاءِ به سنجيده مسئلن جو شڪار آهن ۽ چوپائي مال لاءِ پڻ زمينون وڃايون آهن. مجموعي طور تي علائقي جي حياتياتي شڪل تبديل ٿي ويئي آهي.

## اين ڊي پي منصوبي جي ارتقا

اين ڊي پي منصوبو جڏهن رٿيو ويو هو ته ان کان بلڪل مختلف هو جڏهن اهو 31 ڊسمبر 2004 تي ختم ٿيو. ڪجهه سياسي، اداراتي ۽ ڪارڪردگيءَ وارن مسئلن جي هن منصوبي تي تمام آهستگي سان عمل ٿي رهيو آهي جڏهن ته سيڙپ وارو حصو انهيءَ جي اداراتي سڌارن تي مدار رکي ٿو. منصوبو 2000 ۾ عملي طور بيهي ويو هو.
انتظاميا وچ واري رپورٽ ۾ چيو آهي ته ايل بي او ڊي جي رهيل ڪمن کي ختم ڪرڻ لاءِ شروعاتي ڪم هٿ ۾ ڪنيو ويو آهي. ساڳي وقت ڪجهه تبديليون پڻ متعارف ڪرايون ويون آهن. ٻين ڳالهين منجهان امداد جو ڪُپل حصو(اٽڪل 135 ملين آمريڪي ڊالر) ڏکار واري صورتحال پيدا ٿيڻ ڪري اوڏانهن اماڻيو ويو آهي. ۽ شروع ۾ ڪٽيل سيڙپ وارو نقطو واپس ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ انتظاميا پنهنجي رد عمل واري رپورٽ ۾ چيو آهي ته، ” اين ڊي پي ايل بي او ڊي وارو جوڙجڪ وارو نالو مزيد اتر طرف نه وڌائيندي.“ پينل انهيءَ انتهائي اهم تبديليءَ کي ذهن ۾ رکيو آهي (تفصيلي بحث هيٺ ڏسو) هاڻوڪن منصوبي جي دستاويزن مان ظاهر ٿئي ٿو ته ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته اين ڊي پي جي منصوبي تحت هڪ سراسر سيڙپڪاري وارو درجو اصولي طور تي رٿيو ويو هو، حالانڪ اهو اصل درجن کان الاهي گهٽ هو.
منصوبو هڪ نئين مڪمل نيڪال واري منصوبي (ڊي ايم پي) جي پنيرائي ڪري ٿو. ڊي ايم پي سنڌو نديءَ ۾ وڌندڙ سم ڪلر ۽ لوڻاٽين زمينن جي مسئلن تي توجهه ڏيڻ لاءِ مرڪوز ڪيو ويو آهي. جيئن هيٺ بحث ڪيو ويو آهي ته ڊي ايم پي ۾ نيڪال جي مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪجهه نوان طريقا متعارف ڪرايا ويندا پر مستقبل ۾ نيڪال جي سرشتي لاءِ ايل بي او ڊي سان لاڳاپيل تعميراتي طور ڪهڙا رخ اختيار ڪيا ويندا، ان لاءِ پڻ سوال اٿاري ٿو. ان سان گڏ اين ڊي پي جي منصوبي تي تعميل دوران بئنڪ ڪجهه مقصدن لاءِ ماهر موڪليا جيڪي سامونڊي پٽي جي ناڪاميءَ جي سببن تي تفتيش ڪري آيا. ان سلسلي ۾ جيڪي فيصلا ڪيا ويا، اهي هيٺ ڏجن ٿا.

## ماحولياتي مسئلن تي ڪارروائي

## پاڻيءَ جا وهڪرا ۽ ماحولياتي حالتون

پاڪستان ۾ تمام گهڻا اهم صحت ۽ ماحول جا مسئلا آهن جيڪي غير روايتي ماحولياتي وهڪرن جي ڪري پيدا ٿيل آهن. ”ماحولياتي وهڪرا“ جو مقصد آهي گهٽ مقدار وارا وهڪرا جيڪي هڪ موڙ جي هيٺان نديءَ ۾ ڇوڙ ڪرڻ کپن ته جيئن ماڻهن جو گذران ٿي سگهي ۽ نديءَ جي ڇوڙ وارن علائقن جي ماحول کي بچاءُ ملي سگهي.
سنڌونديءَ ۾ حالانڪ آبپاشي ۽ نيڪال وارن سرشتن ۾ لاڳت ۽ فائدن جي درميان ڪوبه توازن ناهي. مجموعي طور تي نديءَ جي مٿين سطح تي رهندڙ ماڻهو پاڻيءَ جو تجريدي استعمال ڪن ٿا ۽ ان مان فائدو حاصل ڪن ٿا، نتيجي طور هيٺين سطح وارا ماڻهو خاص طور تي بدين ۽ ٺٽي ضلعي ۾ ان استعمال جي قيمت ڀرين ٿا.
ڏاکڻي سنڌ ۾ جيڪي شديد نقصان ٿين ٿا، اهي ڪُپل وقت کان ڄاتل سڃاتل آهن. انهن ۾ پاڻيءَ جي فراهمي ۽ آلودگي پڻ شامل آهي ته سمنڊ جي پاڻيءَ جو نديءَ ۾ ڇوڙ به آهي جنهن جي ڪري زرعي زمينون تباهه ٿين ٿيون، سامونڊي وڻن کي نقصان رسي ٿو جنهن جي ڪري سامونڊي ٻوٽن جا وسيلا گهٽجن ٿا، جانورن جي زندگي کي نقصان ٿئي ٿو، ۽ مکيه صحت ۽ غربت سان لاڳاپيل مسئلن کي هٿي ملي ٿي جن جي ڪري شديد اڃ ۽ پيئڻ جي پاڻيءَ ۾ آلودگي پيدا ٿئي ٿي.
ايل بي او ڊي سرشتي خود خصوصي طور تي بدين ۽ ٺٽي ضلعي جي ڏاکڻي علائقن ۾ ماحول تي منفي اثر ڇڏيا آهن. سامونڊي پٽي جي تعميري منصوبن جي ڪري ٻوڙ جي ڪري، ڍنڍن جو پاڻي ۽ ماحولياتي منظر تبديل ٿي ويو آهي. انهيءَ جي ڪري پڪين ۽ پاڻيءَ وارن پکين ۾ سخت گهٽتائي آئي آهي، معياري ڀاڄين جي واڌ رڪجي وئي آهي ۽ ڍنڍن جي ڪريل پاڻيءَ واري سطح ۾ ڪيئي نقصان ٿيا آهن. مڇيءَ جا ڪيئي قسم ملڻ بند ٿي ويا آهن ۽ ڍنڍيون خود ڳاٽائي ۾ به هاڻ گهٽ آهن. جيڪڏهن مجموعي طور ڏنو وڃي ته ايل بي او ڊي جي سرشتي جي تعميرات جي ڪري پاڻيءَ جي جيڪا مجموعي تبديلي آئي آهي، ان سان هيٺين سامونڊي ڇوڙ ۾ گهٽي مٽي جمع ٿي وئي آهي.
اين ڊي پي جي منصوبي ۾ اهڙن ڪيترن ئي ننڍن ننڍن منصوبن جي پنيرائي ڪئي وئي آهي جن سان منصوبي سان لاڳاپيل ماڻهن مثبت اثر ٿيو آهي يا اثر ٿيندو. هڪ هٿ تي انهيءَ پاران هڪ اهڙي اداراتي پاليسي اختيار ڪئي وئي جيڪا سماجي طور ۽ ماحولياتي طور سگهاري آهي ۽ نيڪال جا ڪيئي مسئلا حل ٿي ويندا. ساڳي وقت ان پاران ايل بي او ڊي جي منصوبي کي پورو ڪرڻ لاءِ سيڙپڪاري پڻ ڪئي وئي آهي ۽ ان سلسلي ۾ نيون رٿون ڏنيون آهن جي جي ڪري ايل بي او ڊي جي سرشتي مان ملندڙ پاڻيءَ جي مقدار ۽ معيار ۾ اضافو ٿيندو.

## ماحولياتي جائزو

اين ڊي پي منصوبو او ڊي 4.01 جي نقطن تحت ڏاهيو ويو آهي ۽ ان جي پوئواري ڪندو جيڪي ماحولياتي جائزي جي باري ۾ آهن (آڪٽوبر 1991 ۾ منظور ٿيل). او ڊي 4.01 چوي ٿو ته ماحولياتي جائزي جو مقصد آهي ”فيصلا ڪرڻ جي حالتن ڪي سڌارڻ ۽ خاطري ڪرڻ ته منصوبي جي چونڊ ان ڳالهه ڪي خيال ۾ رکي ڪئي ويئي آهي ته اهو منصوبو ماحولياتي طور فائديمند ۽ سگهارو هوندو.“

منصوبي ۾ متاثر ٿيندڙ علائقو

ڪنهن به منصوبي جي تياري وقت هڪ صاف هم آهنگي هجڻ گهرجي ته عارضي ڳالهيون ڪهڙيون آهن ۽ ڊگهي عرصي وارا ڪم ڪهڙا آهن. ان سان ئي بهترين تجزيو ڪري سگهجي ٿو. پينل اهو مشاهدوڪيو آهي ته ايل بي او ڊي جي منصوبه بندي دوران، بئنڪ اهو ڪٿي به واضع نه ڪيو آهي ته منصوبي جو علائقو ڪهڙو آهي جتي ان جو اثر ٿيندو. حالانڪ بئنڪ اها توقع ڪئي آهي ته جيڪڏهن بهتر منصوبي جي منصوبه بنديءَ ۾ بچاءَ وارا اپاءَ ورتا ويندا ته ڪوبه منفي اثر نه پوندو. ٺٽي ۽ بدين جي ماڻهن تي ممڪن منفي اثرن ۽ انهن علائقن جي پسگردائي ۾ رهندڙ ماڻهن تي متوقع اثرن ڪي بلڪل به ذهن ۾ نه رکيو ويو جڏهن اهم تعميراتي ڪم شروع ٿي چڪا هئا.
اين ڊي پي جو منصوبو ٽڻن صوبن تي مشتمل آهي تنهن ڪري انهيءَ جي وسعت ايل بي او ڊي جي منصوبي ڪان وڏي آهي پر ان ۾ سماجي جائزي ڪي تمام سوڙهي مرڪز اندر رکيو ويو آهي. 1993 ڊي ايس اي اي ۾ موجود ڪيترن ئي حوالن جي باوجود، ڍنڍن متعلق مستقبل ۾ به ڪوبه اهڙو اپياس نظر نه ٿو اچي جيڪو نيڪال سان لاڳاپيل هجي ۽ انهن ماڻهن سان لاڳاپيل هجي جن جو جياپو ئي اهي ڍنڍون آهن ۽ نه ئي ساموندي پٽيءَ مان گذرندڙ نيڪال واري پاڻيءَ جي ڪري پيدا ٿيندڙ اثر متعلق ڪو اپياس نظر ٿو اچي.
درخواست ڪندڙن پاران دعويٰ ڪيل ايراضي خصوصي طور تي ايل بي او ڊي جي منصوبي واري احاطي ۾ اچي ٿي ۽ اين ڊي پي جي اثر ۾ پڻ آهي. پينل اهو ڏٺو آهي ته اين ڊي پي منصوبي ۾ درخواست ڪندڙن جي ڏنل علائقن تي ڪوبه ماحولياتي يا سماجي اثر نه ٿو پوي جيستائين اها درخواست جمع ڪرائي ويئي هئي.

ماحولياتي جاچ ۽ تجزيي جو درجو

ماحولياتي جائزي لاءِ ماحول جي جاچ ڪرڻ او ڊي 4.01 جي تحت تمام ضروري آهي ۽ ”ماحولياتي ڪمن لاءِ گهربل ڪمن جي نشاندهي ڪري ٿي“ انهيءَ جاچ تحت اي بي ۽ سي درجي جا ٽي منصوبا ڏنا ويندا آهن. هڪ منصوبو درجي نمبر اي ۾ تڏهن سمجهيو ويندو آهي جڏهن ”اتي اهڙا اهم منفي اثر پوڻ جو خطرو هجي جيڪي تمام حساس هجن، جن جو ڪو توڙ نه هجي ۽ انتهائي خطرناڪ هجن.“
اين ڊي پي منصوبي ۾ نه فقط اداراتي سڌارا ۽ پاليسين متعلق عمل شامل هئا پر اهم تعميري سيڙپڪاريون پڻ شامل هيون جن ۾ ايل بي او ڊي ۽ چوٽياري واري پاڻيءَ جي ذخيري جو پوراڻو پڻ هو. اي بي او ڊي ۾ مزيد ڪم ڪرائڻ جو مقصد صرف نيڪال جي نظام ڪي بهتر بنائڻ هو پر گڏوگڏ انهن اهم نقصانن جو پڻ ڪاٽو ڪرڻو آهي جيڪي ماڻهن ڪي ۽ ماحول ڪي موجوده سرشتي مان ملي رهيا آهن، خاص طور تي ڏاکڻي سنڌ ۾.
اين ڊي پي منصوبو ان لاءِ پڻ رٿيو ويو هو ته جيئن نديءَ ۾ نيڪال جي نظام جي حوالي سان هڪ ڊگهي مدت وارو بنياد وجهي سگهجي. ان وقت جڏهن اڃا شروعاتي جاچ وارو فيصلو ڪيو ويو هو ته ان وقت گڏيل سوچ تحت اين ايس ڊي ايس جي سپر هائي وي واري نيڪال واري منصوبي ڪي پڻ شامل ڪيو ويو ۽ سيڙپڪاري واري بجيٽ تمام گهٽي ٿي ويئي. ڊگهي مدت واري منصوبه بندي سان سگهارا ماحولياتي فائدا هوندا آهن خاص طور تي انهن لاءِ جيڪي ڏاکڻي سنڌ ۾ نديءَ جي پڇڙيءَ تي رهن ٿا. انهيءَ ڊگهي مدت واري سوچ سان موجوده مسئلا حل ٿي سگهيا ٿي پر ڪجهه مکيه ماحولياتي نقصان پهچائڻ وارا اثر پڻ پئجي سگهيا ٿي.
بئنڪ اين ڊي پي منصوبي ڪي او ڊي 4.01 جي تحت درجي بي ۾ رکيو هو. انتظاميا اهو مڃي ٿي ته درجو اي وڌيڪ مناسب ٿيندو. پينل انهيءَ ڳالهه جي پوئواري ڪري ٿو ۽ سمجهي ٿو ته انتظاميا هاڻ مجموعي طور تي منصوبي جي منصوبه بندي ۽ ماحول ڪي خطرن ڪان واقف ٿي ويئي آهي جي اهي ڊگهي مدت اندر سگهارا ٿين ٿا. پينل فيصلو ڪيو ته بئنڪ پاران منصوبي ڪي درجي اي بدران درجي بي ۾ رکڻ سان او ڊي 4.01 جي پوئواري نه ٿي ٿئي.

## متبادلن جو تجزيو

هڪ ماحولياتي تجزيي لاءِ تمام گهڻي خيال سان حقيقي متبادلن تي سوچڻ هڪ اهم نقطو آهي. حقيقي متبادلن کي ترتيب ڏيڻ کان سواءِ ڪوبه ماحولياتي جائزو ڪامياب نه ٿو ٿي سگهي. او ڊي 4.01 جي تحت ڪجهه متبادلن جو جائزو وٺڻ کان پوءِ فيصلو ڪندڙن کي اهو اختيار ڏنو ويو آهي ته هو ڪن به منفي حالتن کان بچڻ لاءِ، گهٽائڻ لاءِ يا ختم ڪرڻ لاءِ ڪجهه تجويزون ڏين.

1993 واري ڊي ايس اي اي جي رپورٽ ۾ نديءَ جي آبپاشي نظام ۽ نيڪال جي سرشتي متعلق ڪافي معلومات موجود آهي جيڪا انهيءَ نقطي تائين جنهن تي ڪم هلي رهيو آهي. انهن مسئلن تي پينل صلاح ڏي ٿو ته بئنڪ ۽ قرض وٺندڙ گڏجي پنهنجي ڪوشش کي تيز ڪن ۽ جائزو وٺن.

جيتوڻيڪ پينل اهو سمجهي ٿو ته 1993 واري جائزي تي مدار رکڻ سان ڪجهه مسئلا ڪڙا ٿيندا. ڊي ايس اي اي 1993 ۾ مڪمل ڪيو ويو جنهن کان پوءِ ساموندي پٽي ۾ 1996 دوران نقصان جا آثار شروع ٿيا جن سان علائقي جون ماحولياتي حالتون خراب ٿيڻ لڳيون. انهيءَ زمري ۾ 1993 وارو ڊي ايس اي اي وارو جائزو چوي ٿو ته ايل بي او ڊي جي منصوبي کي وڌائڻ سان ڪوبه غير معمولي ماحولياتي نقصان نه ٿيندو. 1993 واري ڊي ايس اي اي رپورٽ ۾ سڌرندڙن پاڻيءَ وارو انتظامي منصوبو پڻ شامل ناهي ۽ استعمال ڪندڙ ڏر بنيادي متبادل کي استعمال ڪري رهيو آهي (اهي بهرحال اين ڊي پي جي منصوبي ۾ شامل ڪيا ويا هئا)

پينل اهو پڻ بيان ڪري ٿو ته 1993 وارو ڊي ايس اي اي وارو تجزيو حالات ۾ ٿيندڙ ترت تبديلين جي ڪري ڪنهن به ڪم جو نه رهيو. خاص طور تي انهيءَ جائزي جي ڪا اهميت نه رهي جنهن تحت ايل بي او ڊي جي منصوبي کي وڌائڻ جي ڳالهه ڪئي وڃي ۽ اهو صحيح ڪاٿو نه لڳايو ويو هو. نتيجي ۾ انهيءَ مان ڪابه اهڙي ٺوس معلومات نه ملي جو اين ڊي پي منصوبي ۾ فيصلاڪن رخ ڏيئي سگهي جيڪو او ڊي 4.01 جي تحت موجود متبادلن واري سوال تي اين ڊي پي کي ڪرڻو هو.

## سگهارن اثرن جو جائزو

او ڊي 4.01 چوي ٿو ته، ” مڙيئي ماحولياتي اثرن جي منصوبي جي شروع ۾ ئي نشاندهي ڪئي وڃي.“ تجزين ۾ جيڪي شيون شامل هونديون، انهن ۾، ” منصوبي جي نتيجي ۾ مثبت ۽ منفي اثرن جي نشاندهي ۽ جائزو“ شامل آهن.

1993 واري ڊي ايس اي اي واري رپورٽ ۾ نيڪال واري حصي ۾ ڪيترائي سگهارا اثر ٻڌايا ويا آهن پر ماحول جي باري ۾ هن ۾ تمام معمولي توجهه ڏني ويئي آهي ۽ ڏاکڻي سنڌ ۾ نيڪال جي نظام هيٺ آيل منصوبي مان فائدو حاصل نه ڪندڙ ڪٽنبن جي باري ۾ بلڪل به توجهه نه ڏنو ويو آهي. هن ڳالهه جي خاص وجهه اها ٿي سگهي ٿي ته ڊي ايس اي اي واري رپورٽ ساموندي پٽي جي تباهه ٿيڻ کان پهرين جمع ڪرائي ويئي هئي. انهن حالتن جي باري ۾ بئنڪ پاران جيڪو رد عمل ظاهر ڪيو ويو آهي، انهيءَ جي باري ۾ مزيد معلومات باب نمبر 5 (نگراني) ۾ ڏني ويئي آهي. هاڻوڪي مقصد لاءِ پينل سمجهي ٿو ته 1993 واري ڊي ايس اي اي رپورٽ ڏاکڻي سنڌ ۾ متاثر ٿيل علائقن جي ماحولياتي حالتن جو جائزو وٺڻ ۾ ناڪام ويئي آهي.

منصوبي جي تعميل جو ڪتاب ماحولياتي طور تي حساس پاڻيءَ جي ذخيرن ڍانهن حوالو ڏي ٿو جيڪي سنڌو نديءَ ۽ سمنڊ جي چوڙ واري هيٺين پاسي آهن ۽ آبپاشي نظام ۾ موجود ضابطي کان ٻاهر ڳالهين ۽ نقصانن طرف پڻ متوجهه ڪري ٿو. اهو بهرحال اهڙي ڪابه معلومات نه ٿو ڏي ته ڪيئن اين ڊي پي منصوبو جيڪو ان وقت اين ايس ڊي ايس جي لاءِ بنياد رکي رهيو هو، انهن پاڻيءَ جي ذخيرن کي نقصان کان بچائي سگهندو. ساڳي طرح ايس اي آر خود به اثرن جو تجزيو ملتوي ڪري ٿو جيستائين منصوبي جي لاڳت نه لڳائي وڃي پر لاڳت کان پهرين ئي اهم اثر ظاهر ٿيا. پينل سمجهي ٿو ته منصوبي جي دستاويزن ۾ ڏاکڻي سنڌ ۾ پاڻيءَ جي ذخيرن تي متوقع منفي اثرن جو ذڪر آهي پر انهيءَ ڳالهه جو تجزيو نه ڪيو ويو آهي ته ڪيئن منصوبو انهن ذخيرن تي متوقع منفي اثرن کي سنڀالي سگهندو يا انهن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪي اپاءَ پڻ نه ڄاڻايا ويا آهن جيڪي منصوبي جي منصوبه بندي دوران ۽ لاڳت ڪرڻ دوران او ڊي 4.01 تحت سامهون اچڻ کپندا هئا.

ماحولياتي انتظام جو منصوبو (اي ايم پي)، تخفيف ۽ معاوضو

هڪ اي درجي وارو ماحولياتي تجزيي وارو منصوبو ماحولياتي لحاظ پئدا ٿيندڙ منفي اثرن ۾ گهٽتائي آڻڻ يا ماحولياتي انتظام هلائڻ وارو منصوبو اصل منصوبي ۾ شامل ڪندو آهي جيڪو ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ته " کهڙا اپاءَ ورتا ويندا جيڪي مناسب ۽ قيمت جي لحاظ ڪان پورا هجن جن مان ماحول تي پوندڙ منفي اثرن جو خاتمو ايندو يا برداشت ڪرڻ جي حد تائين گهٽجي ويندا." اهو اهڙن تفصيلن کي مقرر ڪري ٿو جن تحت ان ڳالهه جي خاطري ٿئي ته تجويز ڪيل ماحولياتي عمل " تجويز ڪيل انجنيئرنگ وارن منصوبن سان جڙيل آهن يا تعميل دوران سيني ڪمن ۾ پورا اچن ٿا."

اين ڊي پي منصوبي جي دستاويزن ۾ اي ايم پي کي بحث هيٺ آندو ويو آهي ۽ اهي اهم ترين عملن جي نشاندهي ڪن ٿا جيڪي تعميل دوران سامهون ايندا. بئنڪ واري حقيقتون ڳولهيندڙ ٽيم جيڪا مارچ 2001 ۾ آئي ان پڻ ساموندي پٽي سان لاڳاپيل مسئلن جي ترتيبوار نشاندهي ڪئي آهي. اي ايم پي جي جوڙجڪ جو ڊرافٽ جيڪو فيبروري 2002 ۾ ٺهيو هو، ان ۾ اي ايم پي جي منصوبي تي تعميل ڪرائڻ لاءِ مزيد ڪوشش جو ذڪر ٿيل آهي.

انتظاميا 2001 ۾ انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو هو ته اين ڊي پي منصوبي لاءِ اي ايم پي جي جڙڻ ۾ جيڪا تاخير ٿي رهي هئي، اهو هڪ سنجيده مسئلو هو. ۽ ان ڳالهه تي توجهه ڏياري آهي ته ايم ايم پي جڙڻ لاءِ اداراتي جوڙجڪ ۾ ڪا ڪمي هئي. انتظاميا ان سلسلي ۾ بيان ڪري ٿي ته چاڪاڻ جو مارچ 2001 ۾ تجويز ڪيل مضبوط ڪرڻ وارو پروگرام عمل هيٺ نه اچي سگهيو، ان ڪري "تخفيف وارا اپاءَ سامهون نه اچي سگهيا ۽ انهن بابت ڪوبه فيصلو ٿي نه سگهيو."

پئنل مشاهدو ڪيو آهي ته اين ڊي پي ۾ آيل ڪجهه عمل اهڙا آهن جيڪي منصوبي جي دستاويز ۾ موجود آهن پر انهن تي تعميل نه ٿي سگهي آهي، ۽ ان وقت ۾ منصوبو ختم ٿي ويو. انتظاميا اهو پڻ مڃي ٿي ته اي ايم ايم پي تي تعميل ڪرڻ ۾ ناڪامي ٿي جيڪو ايل بي او ڊي منصوبي لاءِ هو. پئنل سمجهي ٿو ته منصوبي لاءِ هڪ اي ايم پي ٺاهڻ ۽ ان تي عمل ڪرائڻ ۾ مڪمل ناڪامي ٿي آهي. جنهن جو مطلب آهي ته او ڊي 4.01 جي پوئواري نه ڪئي وئي آهي. اي ايم پي ۽ انهيءَ تي تعميل ماحولياتي جائزي لاءِ انتهائي اهم حيثيت رکن ٿا.

پئنل اهو مڃي ٿو ته اهڙي منصوبي کي جوڙڻ لاءِ يقينن للڪارون موجود هيون پر تڏهن به انهيءَ جي ناڪامي او ڊي 4.01 جي تحت هڪ اهم نقطو آهي جيڪو بئنڪ جي اهليت کي گهٽائي ٿو ۽ هن منصوبي جي سلسلي ۾ درخواست ڪندڙن آڏو بيهاري ٿو.

درخواست ڪندڙن دعويٰ ڪئي آهي ته ڪين اين ڊي پي جي منصوبي ۽ انهيءَ سان منسلڪ ايل بي او ڊي جي سرشتي تحت ٿيل ماحولياتي ۽ سماجي نقصانن جو معاوضو ملڻ گهرجي. پئنل سمجهي ٿو ته علائقي جي ماڻهن ڏاڍو پوڳيو آهي ۽ سختين مان گذريا آهن جيڪي هنن تعميري جاين ۽ انهن جي ناڪاميءَ جي ڪري هنن سٺيون آهن. ساموندي پٽيءَ جي مرمت نه ڪرائڻ وارو فيصلو، صرف ان سبب جي ڪري ته اهو پائيدار نه هو، انهن منفي اثرن کي اڃا به اجازت ڏي ٿو ته اهي ٿيندا رهن. او ڊي 4.01 چوي ٿو ته هڪ تخفيفي يا انتظامي منصوبو جوڙيو وڃي جنهن تحت "معاوضي وارا اپاءَ نظر ۾ رکيا وڃن جيڪڏهن تخفيفي اپاءَ نه ٿا وٺي سگهجن يا انهن جي قيمت ڳوري آهي."

انتظاميا پئنل کي ٻڌايو ته حڪومت سنڌ بئنڪ کي هڪ خط لکيو هو (مئي 2003 جي ڪا تاريخ) جنهن ۾ اهو عرض ڪيو ويو هو ته ايل بي او ڊي، ڪي پي او ڊي ۽ ڊي پي او ڊي جي منصوبن تحت جيڪي نقصان ٿيا آهن، انهن جو پورائوڪرڻ لاءِ ڪجهه فنڊ فراهم ڪيا وڃن. ان جي جواب ۾ (خط تاريخ 7 جون 2004) انتظاميا انهيءَ ڳالهه جي نشاندهي ڪئي ته اين ڊي پي جا فنڊ نقصان ٿيل سرشتن لاءِ استعمال ڪري سگهجن ٿا ۽ اهڙيءَ طرح انهن فنڊن کي "ٻوڏ جي ستايل ماڻهن، چوپائي مال، فارمن ۽ فارم لاءِ ٺهيل تعميري جاين جن جو نقصان ٿيو، لاءِ استعمال ڪرڻ جي تجويز ڏني"

پئنل ان ڳالهه کي نوٽ ڪيو ته انتظاميا اين ڊي پي جي فنڊن کي استعمال ڪري ٻوڏ جي ستايلن کي ڪجهه ڏيئي سگهي. جڏهن پئنل هن رپورٽ کي آخري شڪل ڏيئي رهيو هو ته انتظاميا ڪيس اطلاع ڏنو ته حڪومت ٻوڏ جي ستايلن مان ڪن فردن ۽ ڪن ڪٽنبن لاءِ ڪجهه فنڊ فراهم ڪيا آهن جن مان مري (ڪل 318 ماڻهو جن مان 125 ماڻهو بدين ۽ ٺٽي ۾) ويلن کي پڻ معاوضو ڏنو ويو آهي. ان ڪان علاوه مڪمل طور تباهه ٿيل گهرن ۽ گهٽ تباهه ٿيل گهرن کي پڻ معاوضو ڏنو وي آهي. انتظاميا اهڙي ڪابه معلومات نه ڏني ته منصوبي جي ڪري ٿيل نقصان جي عيوض ڪنهن کي معاوضو ڏنو ويو يا نه ۽ اهو پڻ نه ٻڌايو ته اهي رقمون ٿيل نقصان يا آمدني جي حوالي طور ڏنيون ويون آهن. پئنل اهو ڏنو آهي ته منصوبي ۾ ڪيترائي فنڊ موجود هئا ۽ ڪين هڪ ٻئي ڪاتي مان استعمال پڻ ڪيو ويو جهڙوڪ 135 ملين آمريڪي ڊالر ڏڪار جي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ رکيا ويا جيڪي منصوبي سان تعلق ۾ نه هئا.

پئنل ڏٺو ته انتظاميا جي کهڙا تازا عمل هئا جيڪي متاثر ٿيل علائقن جي ماڻهن جي جياپي لاءِ ڪو سماجي ۽ معيشي اپياس ڪري سگهن ۽ اهڙن ئي بين تدبيرن ڪي پڻ ڏٺو آهي. پئنل جو مشاهدو اهو آهي ته اهڙن عملن تي بئنڪ جي پاليسي مطابق عمل ٿيڻ گهرجي.
معائنې لاءِ ٿيل درخواست ڪان پوءِ، انتظاميا هڪ بين الاقوامي ماهرن جو پئنل وهاريو جيڪو ايل بي او ڊي جي سرشتي ڪي جاچي ۽ پنهنجون تجويزون ڏي. انهيءَ ماهرن جي پئنل پنهنجي رپورٽ مئي 2005 ۾ جمع ڪرائي. پئنل انهيءَ ڳالهه ڪي نوٽ ڪيو آهي ته ماهرن جي انهيءَ پئنل پاران پيش ڪيل رپورٽ ۾ ڪيئي تجويزون اهڙيون آهن جيڪي سامونڊي پٽيءَ ۽ ڍنڍن تي رهندڙ ماڻهن جي جياپي لاءِ رڪيون ويون آهن ۽ انهن ۾ سامونڊي پاڻيءَ جو نديءَ ۾ داخل ٿيڻ، ٻوڏ جي بچاءَ وارا اپاءَ، ڍنڍن جا نقصان ۽ جياپي تي پوندڙ منفي اثر شامل آهن.
بهرحال اهو سوال وري به باقي رهي ٿو ته ڪيئن انهن تجويزن تي عمل درآمد ٿي سگهي. پئنل مشاهدو ڪيو آهي ته ماضيءَ ۾ به مختلف تجويزن تي عمل درآمد ڪرائڻ لاءِ ڪيئي دشواريون ٿينديون رهيون آهن جيڪي علائقائي ماڻهن جي مسئلن سان لاڳاپيل آهن. پئنل ڏٺو آهي ته متاثر ٿيل ڪٽنبن سان بهتر طرح سان ڳالهه ٻولهه نه ٿي ڪئي وڃي، خاص طور تي بين الاقوامي ماهرن جي بحث مباحثن ڪان پوءِ ايل بي او ڊي جي اتر طرف متوقع وڌاءَ جي باري ۾ بلڪل صلاح مشورو نه ڪيو ويو آهي جيڪو درخواست ڪندڙن جو اهم مسئلو آهي.

نظم و ضبط رکڻ لاءِ منصوبو

هڪ ”ماحولياتي نظام جو نظم وَ ضبط رکڻ جو منصوبو“ درجي اي واري ماحولياتي جائزي جو اهم عنصر آهي جيڪو او ڊي 4.01 جي تحت اچي ٿو. هن منصوبي ۾ اهو ٻڌائڻ گهرجي ته ” کهڙي نظم و ضبط تحت منصوبو هلندو ۽ ڪيتري ان جي لاڳت ٿيندي ۽ کهڙا ٻيا عنصر ضروري آهن (جهڙوڪ سکيا)“
پئنل اهو نوٽ ڪيو آهي ته اين ڊي پي منصوبي تحت هڪ نيشنل انسٽيٽيوٽ آف اوشنوگرافي ڪي نظم و ضبط رکڻ لاءِ فنڊ مهيا ڪيا ۽ واپڊا جي هڪ سيل ڪي پڻ فنڊ ڏنا. انتظاميا مڃي ٿي ته اهڙن ڪمن جي سلسلي ڪابه رپورٽ، ڪابه منصوبي سان لاڳاپيل ٽيسٽ تيار نه ڪئي ويئي آهي ۽ پروگرام جي نظم و ضبط ڪي سگهارو بنائڻ لاءِ 2001 واري حقيقتون ڏسڻ واري جائزي تحت جيڪي تجويزون ڏنيون ويون آهن، اهي پڻ اجا تائين عمل ۾ نه آيون آهن. پئنل انتظاميا جي تعريف ڪري ٿو ته هن اين آءِ او جي نظم و ضبط واري پروگرام جي پٺڀرائي ڪئي پر مشاهدو ڪيو آهي ته ان سلسلي ۾ ڪوبه اپياس يا لاڳاپيل معلومات نه پهتي آهي.

صلاح مشورا

او ڊي 4.01 جي تحت بئنڪ اهو توقع ڪري ٿي ته قرض وٺندڙ جي مڪمل خيالن ڪي نظر ۾ رکيو وڃي ۽ متاثر ٿيل ماڻهن ۽ علائقي جي خانگي تنظيمن سان منصوبي جي منصوبه بندي ۽ تعميل وقت صلاح مشورو ڪيو وڃي، خاص طور تي ماحولياتي منصوبو جوڙڻ وقت. اهو سلسلو ان ڪري به تمام اهم آهي ته جيئن فطرت ڪي سمجهي سگهجي ۽ سماجي توڙي ماحولياتي اثر کهڙي حد تائين ڦهلجي سگهن ٿا، انهن جو اندازو ٿي سگهندو ۽ پوءِ انهن متاثر ٿيل ماڻهن جي کهڙي طرح مدد ڪري سهگجي ٿي، ان جو پڻ اندازو ٿي ويندو. متاثر ٿيل ماڻهن، خانگي تنظيمن ۽  قانونن تي عمل درآمد سان لاڳاپيل مسئلن جي ڇنڊ ڇاڻ هيٺ باب نمبر 5 ۾ ڪئي ويئي آهي.

نيڪال وارا مڪمل منصوبو

پئنل سمجهي ٿو ته اين ڊي پي منصوبي ۾ ڊي ايم پي جي بنجڻ لاءِ رقم مهيا ڪرڻ هڪ تمام اهم حصو آهي. ڊي ايم پي ڪي هڪ مثبت انداز سان ڏاهيو ويو آهي جنهن ۾ علائقي ۾ موجود نيڪال جي نظام سان لاڳاپيل ڪيئي مسئلا سوچ ويچار اندر آيا آهن. ان ۾ ڪيئي نوان ۽ ڊگهي مدت لاءِ ڪارآمد پروگرام آهن جن ۾ نديءَ سان لاڳاپيل نيڪال جي ضرورتن ڪي منهن ڏيڻ لاءِ تعميراتي جايون پڻ شامل آهن. ڊي ايم پي تي عمل درآمد ٿيڻ سان ماحولياتي ۽ سماجي مسئلن جو ڊگهي مدت وارو حل نڪري ايندو.
اين ڊي پي منصوبي ۾ ڊي ايم پي جي ماحولياتي جائزي واري درجي ڪي معلوم ڪرڻ لاءِ باقائده جاچ ڪرائي ويئي هئي. پئنل ڪي تعجب ٿيو آهي ته بئنڪ جي پاليسين مطابق منصوبي ڪي درجي ”بي“ ۾ رکيو ويو هو. انهيءَ فيصلي ڪرڻ وقت اهو نه سوچيو ويو ته ڊي ايم پي ڊرافٽ ۾ ڪيئي اهڙا منصوبا شامل هئا جيڪي ڊگهي مدت وارا ۽ سالن تائين هلڻ وارا هئا ۽ ان ڳالهه ڪي به نظرانداز ڪيو ويو ته هڪ نئون نيڪال جو سرشتو سيڙايو ويندو ۽ سندس وڌاءُ

ٽي بي او ڊي جي تحت ٿيندو. ماهرن جي بين الاقوامي پينل جنهن ڊي ايم پي جو ڊرافٽ 2004 ۾ ڏٺو هو ان، ٽي بي او ڊي کي اين ايس ڊي ايس جي منصوبي کي حوالي طور استعمال ڪيو هو پر مختلف نالي سان. بين الاقوامي ماهرن جي پينل لکيو ته، ”پروگرام جي وسعت کي ڏسندي درجي ”اي“ جي ضرورت پوندي.“

پينل اهو فيصلو ڪيو آهي ته ڊي ايم پي کي ٺاهڻ لاءِ او ڊي 4.01 تحت درجي ”اي“ جي ضرورت پوندي ۽ ان ۾ درجي ”بي“ جو منظور ٿيڻ بئنڪ جي پاليسين خلاف آهي. ڊرافٽ ٿيل ڊي ايم پي جي ڪيترن عنصرن سان گڏ تجويز ڪيل ٽي بي او ڊي سان ماحولياتي حالتن تي انتهائي منفي اثر پوندا ۽ جيڪي او ڊي 4.01 جي ابتڙ هوندا.
هن رپورٽ جي مڪمل ٿيڻ تائين پينل جيڪا ڊي ايم پي جي آخري شڪل ڏٺي آهي اها آگسٽ 2004 ۾ ڊرافٽ ٿيل دستاويز کي ٿوري تبديليءَ سان پيش ڪيل لڳي ٿي. ٻين ڳالهين سان گڏ، ڊي ايم پي جي آخري دستاويز ۾ ٽي بي او ڊي ۽ اين ايس ڊي ايس جي تحت جيڪا نيڪال جي رستي ۾ واڌ آندي ويندي، انهيءَ جو تمام گهٽ ذڪر ٿيل آهي. پينل ان جي معنيَ اها ٿو وٺي ته اهڙا تعميراتي ڪم هاڻ گهربل ناهن ۽ منصوبي ۾ شامل ناهن. پينل بهرحال نوٽ ڪري ٿو ته اهڙن مسئلن تي پيدا ٿيل مونجهارا جيڪي ڊي ايم پي سان لاڳاپيل آهن، انهن جي توسيع ٿيڻ کپي جيڪي درخواست ڪندڙن سان لاڳاپيل آهن. پينل اهو پڻ مشاهدو ڪيو آهي ته ڊي ايم پي تحت سنڌ اندر ايل بي او ڊي جي وهڪري سان لاڳاپيل وڏا منصوبا منصابه بندي ۾ شامل رکي ٿو.
پينل ڏسي پيو ته ڊي ايم پي جي آخري دستاويز ۾ ماحولياتي جائزي بابت ۽ ماحولياتي انتظام ٺاهڻ لاءِ جوڙجڪ جي گنجائش آهي ۽ هڪ تفصيلي ماحولياتي اڀياس ڪرايو ويندو جيڪو ڊي ايم پي جي اقليت واري ۽ قبائلي اقليتن واري فقري تحت هوندو. پينل ان ڳالهه تي تمام گهڻو زور ڏيندو ته جهڙي طريقي سان ڊي ايم پي ٺاهيو ويو، اهڙيءَ طرح سان ڊگهي مدت وارا نتيجا پڻ ماڻڻ گهرجن جيڪي بئنڪ مطابق درجي ”اي“ وارن ڪمن مان ملندا آهن ۽ چاڪاڻ ته ڊي ايم پي تي عمل درآمد ڪرائڻ لاءِ وڏي رقم رکيل هوندي آهي، تنهن ڪري نتيجا به درجي ”اي“ جهڙا نڪرڻ گهرجن.
پينل پڙهيو آهي ته او ڊي 4.01 جي تحت مختلف قسمن جا ماحولياتي جائزا وٺي سگهجن ٿا جن ۾ علاقائي ۽ ننڍي سطح وارا ماحولياتي جائزا شامل آهن جيڪي تجويز ڪيل عمل تي مدار رکن ٿا. ماحولياتي جائزا اهو موقعو ڏين ٿا ته جيئن بهتر حڪمت عملي واري جاچ ڪري سگهجي ۽ مختلف رخن وارا منصوبا اڳيان رکي سگهجن ۽ ڊي ايم پي جهڙا پروگرام جوڙي سگهجن. اهڙا جائزا صرف تڏهن بهتر شڪل اختيار ڪري سگهن ٿا جڏهن اشتراڪي تنظيمن سان مڪمل طور تي صلاح مشورا ڪيا وڃن، اهي به ان وقت جڏهن منصوبه بندي ٿي رهي هجي ۽ رٿيل ڪم ۽ لاڳت طيءِ ٿي رهي هجي.

## ماحول بابت صلاح ڏيندڙ پينل

او ڊي 4.01 اها اجازت ڏي ٿو ته جيڪڏهن تمام مکيه خطري وارا منصوبا جن ۾ گهڻه رخي ماحولياتي خطرن جي توقع هجي ته پوءِ قرض وٺندڙ ماحول بابت بين الاقوامي ماهرن جي ٽيم( اي اي پي) گهرائي سگهي ٿو. او ڊي جي قانون مطابق اي اي پي ان وقت جڙڻ گهرجي جڏهن اجا معاهدي جا قانون جڙي رهيا هجن ۽ منصوبي جي منصوبه بندي ۽ لاڳت متعلق فيصلو ٿي رهيو هجي.
هن منصوبي جي سلسلي ۾ جيتوڻيڪ 2004 تائين ڪوبه باقائده اي اي پي مقرر نه ڪيو ويو هو. ان کان پهرين حالانڪ منصوبي جي ماهرن ۽ واپڊا پاران ڪيئي ماحولياتي مسئلن متعلق ڪميٽيون مقرر ڪيون ويون هيون پر انهن رڳو انجنيئرن جي ردوبدل جو ڪم ڪيو جن مان ڪنهن کي به ماحوليات جو جوڳو تجربو نه هو. ان ڪري ماحوليات جي باري اهڙي ماهرن جي کوٽ محسوس ڪئي ويئي ۽ ڪميٽين خانگي تنظيمن کي دعوت ڏني ته اهي پنهنجا مشورا ڏين. پينل ان ڳالهه تي غورڪري ٿو ته اين ڊي پي منصوبي ۾ 2004 تائين ڪنهن به ماحولياتي جائزي جو ناڪام ٿيڻ ۽ نه بنجڻ او ڊي 4.01 جي تحت ان کان پوءِ جاري نه رهيو.

## چوٽياري وارو پاڻيءَ جو ذخيرو

درخواست ڪندڙن چوٽياري واري پاڻيءَ جي ذخيري جي تعمير مان پوندڙ اثرن تي زور ڀريو آهي. چوٽياري وارو ذخيرو ۽ بند ايل بي او ڊي جي سڀ کان وڏن منصوبن منجهان هو. اهو اٽڪل ايل بي او ڊي جي منصوبي جي ختم ٿيڻ سان ئي پورو ٿي ويو ۽ پوءِ ان کي اين ڊي پي منصوبي ۾ شامل ڪيو ويو ته جيئن باقي ڪم به ڪرايو وڃي. جڏهن ته بئنڪ اين ڊي پي منصوبي جي هن حصي کي فنڊ مهيا نه ڪيا جڏهن کان قرض وٺندڙ پارٽي لڏپلاڻ وارن

مسئلن کي حل ڪرڻ واري منصوبي کي رد ڪري ڇڏيو. بئنڪ پوءِ به انهيءَ جي نگراني ڪرڻ واري عنصر کي برقرار رکيو.
ٻاهران ڪان ائين لڳي ٿو ته چوٽياري واري پاڻي جي ذخيري ۽ بند جي ماحولياتي جائزي ۾ مسئلن کي حل ڪيو ويو آهي. بئنڪ جي 5 نومبر 1984 واري ايس اي آر واري رپورٽ ۾ جيڪو چيو ويو آهي ته ”چوٽياري واري پاڻيءَ جي ذخيري جي ٺهڻ سان نظرانداز ڪرڻ جهڙو نقصان ٿيندو نظرانداز ڪرڻ جهڙي لڏپلاڻ واري لاڳت ايندي جڏهن ته صرف چند ماهيگير چوٽياري واري رٿيل ذخيري ۾ آباد آهن“ انهيءَ جو ڪوبه دستاويزي ثبوت ڪونه ڏنل آهي. هيءَ ايراضي جتي اهو ذخيرو ٺاهيو ويو آهي، حالانڪ هڪ تمام وڏو، اهم ذخيم علائقو آهي جنهن ۾ قدرتي ٻوٽا ۽ جانور آباد ٿين ٿا ۽ جتي جانورن جي زندگي جو معيار ٺهي ٿو. (لڏپلاڻ ۽ وري آباد ٿيڻ جا انهيءَ سان لاڳاپيل مسئلا هيٺ بحث ڪيا ويا آهن). اين ڊي پي لاءِ هڪ مناسب ماحولياتي جائزي وارو اڀياس لاڳت ٿيڻ ڪان اڳ ڪرڻ کپندو هو جڏهن منصوبي بابت انتهائي اهم فيصلا ٿي رهيا هئا. هيءُ جائزو ماضيءَ ۾ ٿيل اڀياسن جي روشنيءَ ۾ پڻ ٿي سگهيو ٿي.

منصوبي مان متاثر ٿيل ماڻهن تي اثر ۽ ماحول

اين ڊي پي لاءِ وقت تي ٿيل درجي ”اي“ واري ماحولياتي جائزي سان بئنڪ کي ضروري موقعا فراهم ٿي وڃن ها ته جيئن هو منصوبي ۾ موجود خطرن جو مڪمل جائزو وٺي سگهي ها ۽ ڪيس موقعو ملي ها ته انهن خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪهڙا موزون اپاءَ وٺي سگهجن ٿا ته جيئن منفي اثرن کي گهٽائي سگهجي ها ۽ ماحول کي بهتر بنائڻ لاءِ ڪي موزون اپاءَ وٺي سگهجن ها. انهيءَ سان شايد منصوبي جي منصوبه بندي ۽ تعميل کي ويجهڙائي ڪان ڏٺو وڃي ها ته جيئن ماحولياتي اثرن تي نظر رکي سگهجي ها ۽ گڏوگڏ سنڌ اندر متاثر ٿيل آباديءَ کي پڻ جاچي سگهجي ها.
پئنل اهو سمجهي ٿي ته ماحولياتي جائزي ۾ تاخير ٿيڻ جي ڪري ۽ ماحول جي مسئلن تي فيصلا ڪرڻ ۾ تاخير ٿيڻ جي ڪري ڪيترائي منصوبي جا اهم عنصر ترتيب ۾ نه رهيا، انهن جي باري معلومات فراهم ٿي نه سگهي ۽ عارضيت جو شڪار رهيا. جنهن جي نتيجي ۾ بئنڪ انتهائي اهم موقعا وڃائي ڇڏيا جيڪي درخواست ڪندڙن پاران ڪنيا ويا آهن ۽ بئنڪ اهو به نه سوچيو ته نقصانن جو ازالو پرڻ گهرجي جنهن کي بعد ۾ تخفيف تحت حل ڪرڻو پوندو. هن سڄي صورتحال جي معنيَ آهي ته او ڊي 4.01 جي پوئواري نه ڪئي ويئي.
قدرتي ٻوٽا ۽ جانور

او پي 4.04 جيڪو قدرتي ٻوٽن ۽ جانورن جي باري ۾ آهي ۾ چيو ويو آهي ته بئنڪ جي ماليت سان هلندڙ منصوبن ۾ قدرتي ٻوٽن ۽ جانورن جي بچاءَ لاءِ مڪمل اپاءَ ورتا ويندا ۽ انهن کي ڪنهن به طرح سان خراب نه ڪيو ويندو. او پي 4.04 تحت هڪ انتهائي سخت قائدو لاڳو ڪيو ويو آهي جيڪو اهڙين قدرتي ٻوٽن ۽ جانورن جي بچاءَ لاءِ آهي.

ڍنڍون ۽ اهي علائقا جيڪي رمسار ڪنوينشن جي اندر اچن ٿا

ڏاکڻي سنڌ ۾ ڍنڍون عام طور تي سمنڊ سان مليل ناهن. خصوصي طور تي اهي موسمي، ننڍي گهرائي واريون آهن. انهن ۾ سامونڊي پئداوار جا تمام گهڻا آثار آهن ۽ بين الاقوامي پکين جي لڏپلاڻ واري جڳهه تي ٺهيل آهن جتي ڪيئي پاڻيءَ جا پلي هزارن جي تعداد ۾ هر سال هجرت ڪري ايندا آهن. مڇي ۽ پکي بدين ۽ ضلعي جي ماڻهن لاءِ هڪ تمام پئداواري جياپو هئا.
سامونڊي پٽيءَ ڏانهن چونڊيل رستو انهن ڍنڍن وٽان سڌو گذري ٿو ۽ چولري ۽ پاٽيجي ڍنڍ تي سڌو اثرانداز ٿئي ٿو. چونڊيل رستو ڏکڻ اولهه ۾ هجڻ جي ڪري اڳيئي گهڻو پوڳي چڪو آهي. انهيءَ جو مقصد آهي ته جڏهن به شديد برساتي هوائون لڳنديون ۽ وير چڙهندي ۽ لهرن جي قوت وڌي ويندي تڏهن اهو نيڪال وارو وهڪرو واپس نالي ۾ وهي سگهي ٿو ۽ مٽين پاسي وهي وڃڻ جو خطرو موجود رهي ٿو. ايل بي او ڊي جي ٺهڻ ڪان پوءِ اهو ئي ٿيو.
جڏهن چولري بند 1999 ۾ ڪري پيو، تڏهن چولري ۽ پاٽيجي ڍنڍون هڪ سامونڊي پٽيءَ جو هڪ حصو ٿي ويون. هيءَ صورتحال هڪ انتهائي ڳري ماحولياتي نقصان طرف وڌي رهي آهي. ڍنڍن ۾ وڌندڙ لوڻياٽي پاڻي جي ڪري سنڌن نباتاتي صلاحيت ختم ٿيندي پيئي وڃي؛ زميني ۽ پاڻيءَ وارا پکي الڳ پوڳي رهيا آهن؛ معياري ٻاڄين جي پئداوار ختم ٿي چڪي آهي؛ ۽ تمام وڏي پئماني تي مڇين جي پئداوار تمام گهٽو ڪري پيئي آهي.

اهو ڏکيو آهي ته اين ڊي پي مان اندازو لڳائجي ته ان مان منفي اثر ڪيترا پيا آهن ۽ ايل بي او ڊي مان ڪيترو نقصان ٿيو آهي. پينل نوٽ ڪيو آهي ته اين ڊي پي منصوبي مناسب قدم کڻي ايل بي او ڊي منصوبي کي ختم ڪرايو ۽ بئنڪ اين ڊي پي منصوبي تي تعميل دوران جيڪي مسئلا ٿيا، انهن جي نشاندهي ڪرڻ ۾ ناڪام ويئي. منصوبي دوران ايل بي او ڊي جي گزرندڙ وهڪري وارن علائقن کي خالي ڪرايو ويو ۽ انهن جي اثرن تي ڪا توجهه نه ڏني ويئي ۽ نه ئي انهن ماڻهن جي حالتن کي بهتر بنائڻ لاءِ ڪو جوڳو قدم کنيو ويو. ان کان سواءِ ڍنڍن، قدرتي ٻوٽن، جانورن ۽ سامونڊي ماحول کي جيڪي نقصان پئي ٿا، انهن جي بحاليءَ لاءَ ڪي جوڳا قدم پڻ نه کنيا ويا. اهو سڀ ڪجهه پڻ او ڊي 4.04 جي انحرافي طور ٿي رهيو هو. حقيقتن کي ڳولهڻ واري 2001 واري ٽيم جي تجويزن تي پڻ ڪو عمل نه ٿيو جنهن تحت چولري بند جي ٽٽڻ سان هڪ سائنسي گروپ جوڙي ايپاس ڪرائڻو هو. ۽ اتي ايل بي او ڊي، اي ايم ايم پي ۽ اين ڊي پي جي اي ايم پي تي تعميل ڪرڻ مڪيه تاخير ڪني ويئي.
ڪجهه متاثر ٿيل علائقا رمسار ڪنوينشن ۾ شامل پاڻيءَ جي ذخيرن ۾ شامل آهن جيڪي بين الاقوامي اهميت جا هئا. رمسار ڪنوينشن هڪ بين الاقوامي طور تي قبول ٿيل طريقو ڏسي ٿو جنهن ۾ پاڻيءَ وارن ذخيرن جي سنڀال ڪرڻ جا سٺا طريقا ٻڌايل آهن ته ڪيئن ڪين بچائي سگهجي ٿو. پاڪستان 23 نومبر 1976 تي هن ڪنوينشن جو ميمبر ٿيو ۽ سندس 19 جايون ان ۾ شامل آهن، جن ۾ جهڏي واري ڍنڍ (سنهڙو ڍنڍ)، نوري ڍنڍ (مهرو ڍنڍ) ۽ ڪڇ جو رڻ شامل آهن.
مجموعي طور تي سنڌ جي هيٺاهين علائقي ۾ جتان نيڪال جو سرشتو گذري ٿو، انهيءَ جي چوگرد جيڪي ڍنڍون آهن، انهن جو ماحولياتي سرشتو شديد اثر هيٺ آهي. انگن اکرن مان معلوم ٿئي ٿو ته جهڏو ڍنڍ تي هجرت ڪندڙ پکين جو تعداد ڪري پيو آهي، ڪمپيوٽر تي ڏنل ڏيک مان معلوم ٿئي ٿو ته مهرو، سنهڙو ۽ چولري ڍنڍن جي ماپ 1989 کان پوءِ گهٽجندي رهي آهي ۽ خاص طور تي چولري بند جي ٽٽڻ کان پوءِ. پينل جي هڪ ماهر مطابق، لوڻاٺيل پاڻيءَ جو وڌندڙ مقدار ڪڇ جي رڻ کي ڪافي نقصان پهچائي چڪو آهي ۽ پاڻي جي ڍنڍ جيڪا رمسار ڪنوينشن جي لسٽ ۾ شامل آهي، بلڪل تباهه ٿي چڪي آهي. پينل اهو ٻڌائي ٿو ته ڍنڍن تي پوندڙ منفي اثرن سان مڪيه نقصان ٿئي ٿو جيڪو او پي 4.04 جي معنيَ ۾ شامل آهي. حالانڪ اهو مشڪل آهي ته اين ڊي پي منصوبي پاران ڪيل مالي سيڙپ کي الڳ ڪري ايل بي او ڊي مان ٿيل نقصان جو ڪاٿو لڳائي سگهجي، پر ٻنهي جي مرڪب سان ثبوت موجود آهن جيڪي ٻڌائين ٿا ته هنن منصوبن جي بين الاقوامي طور تي لسٽن ۾ آيل علائقا سخت متاثر ٿيا آهن.
پينل اهو پڻ ٻڌائي ٿي ته بئنڪ مزيد جهڏو ڍنڍ تي ٿيل منفي خطرن کي مستقبل ۾ ڪوبه غور نه ڪيو آهي جيڪو هڪ انتهائي اهم قدرتي اثاثو آهي. جيڪو پڻ او پي 4.04 جي انحرافي آهي. ايل بي او ڊي پاران مزيد ڪمن جي روشنيءَ ۾ ۽ ڊي ايم پي تي تعميل جي روشنيءَ ۾ ان ڳالهه لاءِ تيار رهڻ گهرجي ته علائقي ۾ ساڳئي قسم جا خطرا ڪڇ جي رڻ ۽ نوري ڍنڍ کي پڻ موجود آهن. هي رمسار جي لسٽ ۾ موجود علائقا هڪ خاص قسم جا قدرتي ٻوٽن ۽ جانورن جي پيداوار وارا علائقا آهن ۽ بئنڪ جي پاليسي ۾ اهو شامل آهي ته اها انهن کي ختم ٿيڻ کان روڪيندي.

ختم ٿيندڙ قدرتي ٻوٽن ۽ جانورن کي بحال ڪرڻ

سنڌو نديءَ ۾ آبپاشي نظام ۽ نيڪال جي سرشتي ۾ هڪ علحده سيڙپڪاري نظر اچي ٿي هڪ ڪوشش ڪري سگهجي ٿي جو زراعت لاءِ اهو پاڻي مهيا ڪري سگهجي. او پي 4.04 تحت اهو پڇڻ ضروري آهي ته انهن ڪوشش مان نقصان ڪاڏل ٻوٽن ۽ جانورن کي بحال ڪرڻ لاءِ ڪهڙا اپاءَ ورتا ويا آهن. گهٽ خرچ وارا اپاءَ ئي ورتا وڃن جيئن ٻوٽن جي ٻجن مان وري پوک ڪري سگهجي ٿي.
او پي 4.04 جي پئرا نمبر 3 چوي ٿي ته بئنڪ ”ختم قدرتي ٻوٽا ۽ جانورن جي بحاليءَ کي همٿائي ٿي.“ جيئن مٿي چيو ويو آهي ته اين ڊي پي منصوبو جيڪو ايل بي او ڊي جي سرشتي سان لاڳاپيل آهي، انهيءَ جو قدرتي ٻوٽن تي منفي اثر پيو آهي جن ۾ ڍنڍون پڻ شامل آهن. پينل اهو ڏٺو آهي ته بئنڪ او پي 4.04 جي پوواري ڪندي ڪوبه قدم نه کنيو آهي جنهن ۾ نه هنن اهڙن قدرتي شين کي بچائڻ لاءِ ڪي اپاءَ ورتا ۽ نه نقصان ڪاڏلن کي بحال ڪرڻ لاءِ ڪي اپاءَ ورتا.

رد ٿي ڪري ته ڪو منصوبو ثقافتي اثاثن کي نقصان رسائي رهيو آهي ۽ چوي ٿي ته او پي اين 11.03 هن منصوبي تي لاڳو نه ٿو ٿئي.
او پي اين 11.03 جيڪو ثقافتي اثاثن جي انتظاميا متعلق آهي جيڪي بئنڪ جي ماليت وارن منصوبن تي لاڳو ٿين ٿا، اهو سيپٽيمبر 1986 کان لاڳو ٿيو هو جڏهن اين ڊي پي جي منصوبه بندي ڪئي پئي ويئي. اهو اقوام متحده جي ثقافتي اثاثن واري پاليسي کي پوئواري ڪري ٿو جيڪو چوي ٿو ته، " اهي جايون جيڪي آثار قديمه، قديم حياتياتي، تاريخي، مذهبي ۽ اعليٰ قدرتي قدرن کي ظاهر ڪندڙ آهن، اهي ثقافتي اثاثن ۾ شامل آهي، (...) ورلڊ بئنڪ جي ثقافتي اثاثن جي باري ۾ جيڪا مجموعي پاليسي آهي، انهيءَ ۾ اهو آهي ته انهن کي قائم رکيو وڃي ۽ اهڙا اپاءَ ورتا وڃن جو ڪين ختم ٿيڻ کان بچايو وڃي."
درخواست ۾ ٽن اهم جاين جو ذڪر ٿيل آهي: شيخ ڪڙيو پنڊاري وارو مقبرو، روپا ماڙي ۽ دودي سومري جو مقبرو ۽ ٽري. پئنل نوٽ ڪيو آهي ته سنڌ انتهائي اهم ثقافتي ۽ تاريخي اثاثن سان ڀري پيئي آهي، جن مان ڪيئي اهڙيون آهن جن جو دنيا جي مجيل ثقافتي جاين ۾ شمار ٿئي ٿو جيڪي ورلڊ هيريٽيج ڪنوينشن 1972 جي زمري ۾ اچن ٿيون.
جڏهن ايل بي او ڊي جو منصوبو ٺاهيو پئي ويو ته ورلڊ بئنڪ وٽ ڪابه ثقافتي اثاثن متعلق پاليسي نه هئي. جڏهن اين ڊي پي وارو منصوبو تيار ڪيو پئي ويو تڏهن او پي اين 11.03 لاڳو ٿيل هو. نيڪال وارن علائقن جي هڪ ثقافتي جائزي کي منصوبي ۾ شامل ڪيو ويو هو جو ان جي ضرورت هئي ڇاڪاڻ ته انهيءَ سنڌو ماٿريءَ ۾ موجود هڪ ثقافتي ۽ تاريخي اثاثن جي هڪ ميراث پئي ڏني. جيئن او پي اين 11.03 ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اهو جائزو ڪنهن انتهائي ڳوڙهي ماهر کان ڪرايو وڃي.
انتظاميا کي اها توقع نه ڪرڻ گهرجي ته منصوبي ۾ ڪي به تاريخي جايون نه هونديون ڇاڪاڻ ته اهي قومي گئلري ۾ رجسٽر ٿيل نه هيون. اهڙيون ڪيئي جايون ٿي سگهن ٿيون جيڪي علاقائي طور تي اهم هجن پر ملڪي سطح تي اهميت نه رکنديون هجن ۽ انهن جي بچاءَ جا اپاءَ ڪنهن به سبب جي ڪري نه ورتا ويا هجن جيئن آثار قديمه کي بچائڻ لاءِ گهٽ وسيلا يا اختيار ملڪي ۽ صوبائي اختياريءَ وارن ۾ ورهايل هجن يا ٻيو ڪو سبب به ٿي سگهي ٿو.
پئنل کي اهڙو ڪوبه ثبوت نه ملي سگهيو جيڪو ٻڌائي ته درخواست ڪندڙن جي دعويٰ موجب ثقافتي اثاثا متاثر ٿي رهيا هئا. پئنل بهرحال سمجهي ٿو ته او پي اين 11.03 جي تحت انتظاميا کي لاڳت ڪرڻ جي دوران هڪ ننڍڙو ثقافتي اثاثن جو اڀياس ڪرڻ کپندو هو جيڪي منصوبي جي زمري ۾ اچي رهيا هئا. اهڙي هڪ ماهرانه راءِ ملڻ سان خبر پنجي وڃي ها ته منصوبي جي دوران اهڙيون ڪي جايون سم ڪلر جي متاثر ته نه ٿي رهيون هيون. يا اها پڻ معلومات ملي وڃي ها ته اهي ڪي جايون منصوبي جي ڪري لاڀ حاصل ڪري رهيون هيون.

غير رضاڪارانه لڏپلاڻ ۽ آبادڪاري

او ڊي 4.30 جيڪو غير رضاڪارانه لڏپلاڻ متعلق آهي هن منصوبي تي لاڳو ٿي رهيو هو ۽ اين ڊي پي منصوبي جي تياريءَ دوران لاڳو هو. هيءُ اهڙيون هدايتون ڏي ٿو ته ڪنهن به منصوبي جي دوران جيڪا لڏپلاڻ ٿئي ٿي، انهيءَ جي جوڙجڪ ڪيئن ڪجي. انهن منصوبن ۾ آبپاشي وارا ڪئنال پڻ شامل آهن. پاليسي انهيءَ ڳالهه جي پڻ نشاندهي ڪري ٿي ته "اهي پناهگير جيڪي قدرتي ڏڪارن، جنگين يا خانگي لڙاين مان اچن ٿا، اهي پڻ غير رضاڪارانه آبادڪارن ۾ شمار ٿين ٿا، پر انهن جي باري هنن هدايتن ۾ ذڪر ٿيل ڪونهي (ڏسو او پي/بي پي/جي پي 8.50، ايمرجنسي رڪوري اسسٽنس، جيڪو هيٺ بحث ٿيل آهي)."

منصوبي جي ڪري ٿيندڙ لڏپلاڻ

درخواست ڪندڙن جي هڪ دعويٰ اها به آهي ته هن منصوبي جي ڪري پڻ لڏپلاڻ ٿي آهي. ڇاڪاڻ ته ماڻهو 1999 جي طوفان ۽ 2003 جي برساتن جي ڪري مجبور ٿي پڻ لڏي ويا آهن. پئنل اهو نوٽ ڪيو آهي ته 1999 جي طوفان ۽ 2003 ۾ آيل ٻوڏين ڪيترن ئي ماڻهن کي پنهنجا گهر ڇڏڻ تي مجبور ڪيو. هنن جي گهرن جي تباهي، مال ۽ فارمن جي تباهي ٿيءَ 100 کان وڌيڪ ماڻهن جو موت دستاويزن ٻڌايو ويو آهي. اهڙين حالتن ۾ رهندڙ ماڻهن جو بيان دل کي ليائيندڙ آهي.
جيتوڻيڪ ماڻهو اجا تائين 2003 جي نقصانن جي ڪري ڀوڳي رهيا آهن، انهن جي آبادڪاري عارضي هئي. گهڻا ته ٻوڏ جي ٻن ٽن مهينن اندر پنهنجي اصل گهرن ڏانهن هليا ويا. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته پئنل ان ڳالهه تي سوچي رهي آهي ته ٻوڏ ڪو هڪ دفعا ڪونه ايندي آهي ۽ ٻوڏن جو خطرو وڌندو رهندو آهي.

ان دعويٰ جو ٻيو پاسو اهو آهي ماڻهو ان ڪري مجبور ٿيا جو جياپي لاءِ وسيلا ختم ٿيندا رهيا ۽ ان ڪان علاوه ايل بي او ڊي ۽ ساموندي پٽي سان لاڳاپيل مسئلن جي ڪري ٿيا. متاثر ٿيل علائقن ۾ زميني پاڻيءَ ۾ لوڻ جي وڌندڙ مقدار، ساموندي پاڻيءَ جي داخل ٿيڻ جي ڪري ڪيئي مسئلا وڌندا رهيا. پئنل ڏٺو ته ساموندي پاڻيءَ جي داخل ٿيڻ جي ڪري ڪيئي جاين کي نقصان پهتو هو. پئنل ڪئنال جي ڏاکڻي علائقي ۾ ماڻهن کي ٻڌو ته هاڻي اتي جو پاڻي نه پيئڻ لاءِ بهتر آهي ۽ نه ئي زمينن کي پاڻي ڏيڻ لاءِ بهتر آهي ۽ هنن کي پاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيئي ميل پنڌ ڪري وڃڻو پوي ٿو. (پاڻي سال جو فقط ڪجهه حصو بهتر هوندو آهي). هنن دعويٰ ڪئي آهي ته ڪيترائي ڳوٺ مڪمل طور تي تباهه ٿي ويا آهن. ساڳي وقت پئنل اهو پڻ نوٽ ڪيو آهي ته اهو ڏکيو آهي ته انهن سڀني مسئلن کي ڌار ڪري سگهجي ته ساڳي وقت زميني پاڻيءَ ۾ لوڻ اچي رهيو آهي، تازي پاڻيءَ جي فراهمي گهٽجي ويئي آهي ۽ هاڻوڪي ڏڪار سان اهي مسئلا ڳنڍيل آهن.

جيئن شروع ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته لوڻاٺيل پاڻيءَ جي وڌڻ جي ڪري ڪيئي زرعي زمينون غير پئداوري ٿي ويون آهن. ڪيئي ڳوٺاڻن جن جو پئنل پاران انٽرويو ڪيو ويو، ٻڌايو ته سندن زمينون بنجر ٿي ويون آهن ۽ هاڻ هو ڪوبه قدر وارو ٻوٽو نه ٿا پوکي سگهن. هاڻ هو مجبوري تحت برش مان پئدا ٿيندڙ چارڪول تي گذران ڪري رهيا آهن. پئنل مشاهدو ڪيو ته زرعي ايراضيون غير معمولي طور تي بيڪار ٿي ويون آهن.

مڇيءَ جي پئداوار ۾ شديد گهٽتائي جي ڪري ساموندي پٽي کي بيڪار ڪري ڇڏيو آهي ساموندي پاڻي زمين ۾ تمام گهڻو اڳتي نڪري ويو آهي. ان ڳالهه تي ڪوبه بحث ڪونهي ته حالتون خراب ٿيون آهن، اهو وري به تمام ڏکيو آهي ته انهيءَ سموري صورتحال جو ذميوار ايل بي او ڊي ۽ ساموندي پٽي کي قرار ڏنو وڃي. 2001 ۾ ٿيل هڪ بئنڪ جي رپورٽ مطابق اهو ٻڌايو ويو آهي ته غريب ماهيگيرن جي جياپي کي سخت نقصان جو انديشو آهي جن جو گذران ڍنڍن تي آهي ۽ اهو نقصان چولري بند جي ڀڃي پوڻ ۽ ساموندي پٽيءَ ۾ ٻيل ڌارن جي ڪري ٿي سگهي ٿو. ٻين مسئلن ۾ مڇيءَ جو حد کان وڌيڪ پڪڙڻ، سنڌو نديءَ کان ايندڙ ڪوٽڙي بئراج ۾ پوندڙ پاڻيءَ جو تازو هجڻ ۽ سالن ايندڙ ڏڪار وارين حالتن ۽ هاڻوڪيون تباهيون شامل آهن.

پئنل سمجهي ٿو ته ماهيگير، هاري ۽ گڏ ڪندڙ جن پنهنجون زندگيون وڃائي ڇڏيون آهن ۽ انهن جانين جو منصوبي سان لاڳاپيل اثرن سان تعلق آهي ۽ ماڻهن کي ٻوڏ جي انتهائي مٿين درجي جي خطرن جو شڪار ڪيو ويو آهي يا جن ماڻهن کي سندن مرضيءَ کان بغير لڏپلاڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو آهي. جڏهن ته انهن نقصانن جا ٻيا سبب جيڪي آهن، انهن جي ڪري بئنڪ پابند ناهي ته هوءَ انهن نقصانن جو ازالو ڪري ۽ مرندڙ جياپي کي بهتر بنائي سگهي.

اين ڊي پي منصوبي جا لاڳت ڪرڻ وقت ناهيل دستاويز قرض وٺندڙ کي خاطري ڏيارين ٿا ته زمين جي استعمال ۽ لاڳاپيل لڏپلاڻ جو مسئلو بئنڪ جي پاليسين مطابق حل ڪيو ويندو. ۽ خاص طور تي زمين جي استعمال ڪرڻ لاءِ تعميراتي ڪم کي بئنڪ نوٽ ڪيو. دستاويزن ۾ حالانڪ اهو ٻڌايل ناهي ته ڪهڙي قسم جا تعميراتي ڪم متوقع آهن.

بئنڪ ان ڳالهه تي غور ڪيو ته منصوبي جي ڪري اهڙي لڏپلاڻ متوقع هئي. او ڊي 4.30 لاڳو ٿئي ها جيڪڏهن مناسب اپاس ذريعي اهو ڏيکاريو وڃي ها ته غير رضاڪارانه طور تي ٿيل لڏپلاڻ ڪنهن ممڪن تعميراتي ڪمن کي جاري ڪري ها. پئنل اهو نوٽ ڪري ٿي ته منصوبي جي لاڳت ٿيڻ وقت ساموندي پٽي جي ڪري ڪيئي سنجيده مسئلا درپيش هئا. 1989 واري ايل بي او ڊي جي ماحولياتي تجزيي ظاهر ڪيو ته ڪيترن ئي پس منظرن جي ڪري ساموندي پٽي ناڪام ٿي سگهي ٿي اهو ته "ماهيگيرن جو جياپو ۽ مڇي پڪڙڻ انهن ڍنڍن تي ئي مدار رکي پيو، جيڪي خراب طرح سان متاثر ٿين ها." پئنل جو جائزو اهو هو ته چونديل رستو ماحولياتي طور ۽ ماهرانه خطري سان پُريل هو. زمين جيڪا استعمال ٿيڻي هئي، اتي ڪيئي طوفاني حادثا ٿي سگهيا ٿي ۽ بئنڪ تعميراتي ڪمن جي حوالي سان ماڻهن جي تڪليفن کي نظر انداز ڪري ڇڏيو جڏهن منصوبي جي منصوبه بندي ٿي رهي هئي. 1996 ۾ يعني چولري بند جي ڪلڻ کان هڪ سال پوءِ اهو ڪرڻ شروع ٿيو.

او ڊي 4.30 چوي ٿو ته " غير رضاڪارانه لڏپلاڻ جا ممڪنات جيترو جلدي ٿي سگهي، اوترو جلدي سامهون اچڻ گهرجن ۽ سڀني دستاويزن ۾ انهن جو ذڪر هجڻ گهرجي." پئنل اها ڳالهه مڃي ٿو ته ساموندي پٽي واري صورتحال ڪافي بهتر هئي جڏهن هئي لاڳت ٿي رهي هئي پر اها ڳالهه پڻ نوٽ ڪري ٿو ته مڪيه خطرو پڻ موجود هو. پئنل جو اهو مشاهدو آهي ته بئنڪ اين ڊي پي جي منصوبي ۾ ايل بي او ڊي ۽ ساموندي پٽيءَ سان لاڳاپيل مسئلن ۽ خطرن جي نشاندهي ڪرڻ ۾ ناڪام ويئي جيڪي عام ماڻهن جي لڏپلاڻ سان لاڳاپيل هئا ۽ نيٺ انهن کي خاشو نقصان رسايائون، انهيءَ حد تائين جو منصوبي کي هاڻ اڳيان وڌائڻ جو پڻ سوچيو پئي ويو.

لاڳت جي ڪجهه ئي مهينن کان پوءِ، جون 1998 ۾ بند جو هڪ تمام حصو ڪري پيو. جنهن جي ڪري صورتحال تمام خراب ٿي ويئي. صورتحال 1999 جي طوفان کان پوءِ بند جي مڪمل طور تي ڪري پوڻ کان پوءِ تمام خراب ٿي ويئي جڏهن 2001 واري بئنڪ جي حقيقتون ڳولهڻ واري ٽيم اهو چيو ته بندن ۽ ٽلهن جي مرمت ممڪن نه

هئي. بئنڪ جي عملي ماڻهن جي جيائي کي هڪ اهم خطري طور ميو. بئنڪ ان سلسلي ۾ ڪوبه ثبوت نه ڏنو آهي جنهن مان اها خبر پوي ته منصوبي جي اڳ يا پوءِ اهڙين ماڻهن کي بچاءَ طور ڪجهه ڏنو ويندو.
2003 جي ٻوڏ کان پوءِ وڏا خطرا سامهون آيا ۽ وڌندا رهيا. اپريل 2003 ۾ بئنڪ جي رپورٽ چوي ٿي ته متاثر ٿيل ماڻهو ايترا ته سياسي طور غريب ۽ معاشي طور مايوسيءَ جو شڪار ٿيل آهن جو "انهن کي ڪڏهن به معاوضو نه ملندو جيستائين ورلڊ بئنڪ جهڙو ڪو ادارو سندن ٿيل نقصانن جو ڪاٿو لڳائي اڳيان نه وڌندو." پئنل چوي ٿو ته او ڊي 4.30 تحت بئنڪ اهم قدم کڻڻ ۾ ناڪام ويئي ۽ اهڙي ڪا لڏپلاڻ جي ممڪنات کي ذهن ۾ رکي ڪابه تياري نه ڪري سگهي ۽ نه ئي انهيءَ صورتحال جو تخمينو لڳائي سگهي.
اهي ماڻهو جيڪي تباهه ۽ بدحال ٿي وڃن ٿا انهن لاءِ او ڊي 4.30 چوي ٿو ته، " ڪين زمين لکجي ملي يا ڪي اهڙا معاشي حل پئدا ڪيا وڃن جيڪي سندن جياپي لاءِ ثقافتي طور تي به قابل قبول هجن." اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته اين ڊي پي منصوبو جڏهن پورو ٿيندو ته پئنل ان ڳالهه جي لاءِ وڌيڪ پريشان آهي ته انهن نقصانن جو ڪهڙو ازالو ڪيو ويندو ۽ مستقبل ۾ متوقع لڏپلاڻ کي ڪيئن منهن ڏنو ويندو ۽ سندن جياپي جي پئيرائي ڪيئن ڪئي ويندي.

## هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ وارا اپاءَ

پئنل سمجهي ٿي غير رضاڪارانه طور تي ٿيل لڏپلاڻ پوءِ چاهي اها قدرتي آفتن جي ڪري ٿي هجي يا ماڻهن جي غلط منصوبه بندي جي ڪري ٿي هجي، بئنڪ جي پاليسي تحت ان کي بهتر بنائڻ او پي 8.50 تحت بئنڪ جو فرض آهي. جڏهن ته حڪومت پاڪستان بئنڪ کي عرض ڪيو ته هوءَ ايل بي او ڊي جي سرشتي ۾ آيل تباهه ڪارين جي مرمت لاءِ سندس مدد ڪري، پئنل کي اهڙو ڪوبه ثبوت نه مليو جنهن مان خبر پوي ته ڪنهن به فنڊ کي متاثر ٿيل ماڻهن جي ڀلائي لاءِ استعمال ڪيو ويو هجي حالانڪ اهڙي ماليت کي او پي 8.50 جي تحت موجود ڪري پيو سگهجي. انهيءَ فقري جي موجودگي 135 آمريڪي ڊالرن جي ماليت جي بلڪل متضاد صورتحال پئدا ٿي ڪري جيڪي منصوبي سان اڻ لاڳاپيل شين تي استعمال ڪري سگهجن ٿا ۽ ذڪار وارن مسئلن لاءِ رقم مهيا ڪري پيئي سگهجي.

## تعميري ڪمن تي عمل درآمد ڪرڻ لاءِ زمين جي تبديلي

درخواست ۾ اها دعويٰ پڻ شامل آهي ته موجوده ڪنالن کي پڪيرڻ لاءِ ڪيئي زمينن جو نقصان ٿي ويو ۽ نين ڪنالن ناهڻ لاءِ پڻ ڪيترين ئي زمينن جو نقصان ٿي ويو آهي. چونڊياري واري پٽيءَ جي ذخيري جا مسئلا هڪ پاسي رکي، پئنل وڌيڪ ڏٺو ته اين ڊي پي منصوبي تحت زمينن جي نقصان جو ڪوبه ثبوت موجود نه هو. پئنل نوٽ ڪيو ته ساڳي وقت، درخواست ڪندڙن ۽ متاثر ٿيل علائقن جي ماڻهن بار بار ان ڳالهه جو ذڪر ڪيو آهي ته ايل بي او ڊي جي سرشتي اندر پنجاب ۾ ٿيندڙ وڌاءَ جي ڪري موجوده نيڪال جي سرشتي وارن ڪنالن کي ڦهلائڻو پوندو جنهن جي ڪري زمين جو زيان ٿيندو.

## ٻيهر آبادڪاري ۽ زمين جي استعمال لاءِ جوڙجڪ (ايف ايل اي آر)

ايف ايل اي آر حڪومت پاڪستان پاران بئنڪ سان ٿيل معاهدن جي تحت ناهيو ويو هو. ايف ايل اي آر تحت اهو مجيو ويو هو ته موجوده قانونسازي منصوبي تحت متاثر ٿيل ماڻهن کي بهتر معاوضي ڏيڻ لاءِ ڪا خاص پئيرائي نه ٿي ڪري سواءِ ان جي جو زمينن جي مالڪن کي معاوضو ڏنو وڃي. ايف ايل اي آر سان لاڳاپيل دستاويزن کي هڪ پيرو ٻيهر ڏسڻ سان اهو يقين ٿي ويو ته بئنڪ ۽ قرض وٺندڙ جي درميان ايف ايل اي آر متعلق منصوبي شروع ٿيڻ کان پهرين ئي هڪ معاهدو ٿي چڪو هو. قرض وٺندڙ پارٽي ان وقت اعتراض ڪيو جڏهن اين ڊي پي منصوبو شروع ٿي چڪو هو. قرض وٺندڙ پاران ايف ايل اي آر تي اعتراض ڪرڻ کان پوءِ بئنڪ اهو فيصلو ڪيو ته منصوبي اندر ٻيهر آبادڪاريءَ واري حصي کي فنڊ نه ڏنا ويندا. ٻيهر آبادڪاريءَ جو پروگرام حالانڪ چونڊياري واري ذخيري جي حوالي سان جاري رهيو.
پئنل اي ايل اي آر کي او ڊي 4.30 تحت هڪ مناسب دستاويز سمجهي ٿي. ايف ايل اي آر جي تياري، قرض وٺندڙ سان شروعاتي معاهدو ۽ ان جي قبوليت لاڳت واري حوالي سان بئنڪ جي پاليسين جي ضرورت مطابق هو. پئنل نوٽ ڪري ٿو ته قرض وٺندڙ پاران ايف ايل اي آر جي رد ڪرڻ کان پوءِ بئنڪ منصوبي جي انهن حصن

تان هٽ ڪٽي ويئي جيڪي انتظاميا جي سوچ مطابق ٻيهر آبادڪاريءَ متعلق هئا. اهو او ڊي 4.30 مطابق بلڪل صحيح هو.

صلاح مشورا، ڪٺنبن جي شراڪيت ۽ معلومات جو فراهم نه ٿيڻ

بئنڪ جي تمام گهڻين پاليسين مطابق صلاح مشورا ٿيڻ گهرجن. انهن مسئلن ۾ ماڻهن جي شراڪيت معلوماتي جي فراهمي بند هئي جڏهن منصوبي جي لاڳت ٿي رهي هئي. ماحولياتي جائزو وٺڻ لاءِ او ڊي 4.01 ۾ صلاح ڪرڻ وارا نقطا موجود آهن ۽ او ڊي 4.30 ۾ وري غير رضاڪارانه لڏپلاڻ متعلق نقطا موجود آهن. معلومات جي ختم ٿيڻ واريون پاليسيون بي پي 17.50 جي تحت سار سنڀال واري معلومات ۾ شامل آهن ۽ 1994 واري ورلڊ بئنڪ جي معلومات بند ڪرڻ واري حصي ۾ ڏسي سگهجن ٿا.

صلاح مشورا ۽ شراڪيت

اين ڊي پي منصوبي تي تعميل دوران، انتظاميا زور ڀريو ته قرض وٺندڙ حالتن ڪان منهن موڙي رهيا آهن جن ڀهرين اداراتي سڌارا آڻڻ تي حامي ڀري هئي جيڪي تعميراتي ڪمن جي شروع ٿيڻ ڪان ڀهرين ئي عمل ۾ اچڻا هئا. پئنل نوٽ ڪيو آهي ته انتظاميا ڪوششون ورتيون آهن ته اين ڊي پي جي سمورن اشتراڪين جي صلاح مصلحت سان منصوبي جي تعميل جاري رکجي جيڪو سڄي ملڪ ۾ شروع ڪيو ويو هو. بئنڪ هارين جون تنظيمون ٺاهي، ايراضيءَ جا پاڻيءَ وارا بورڊ ٺاهي تمام ڏگهي حد تائين صلاح مشورا ڪيا ۽ ڪين هڪ حد تائين هڪ اعليٰ اثر رکڻ وارا شراڪتي ادارا ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي. پئنل سنڌي ٻوليءَ ۾ تيار ٿيل سيڌا جيٰ ٽيم پاران خبرن وارا مخزن جيڪي هارين جي تنظيمن ۽ اشتراڪي ميمبرن سان لهه وچڙ لاءِ استعمال ڪيا ويا هئا. مرڪزي منصوبن جي حدن اندر ۽ انهن ايراضين اندر جتي هارين جون تنظيمون ٺاهيون ويون هيون يا ايريا واٽر بورڊ ٺاهيا ويا هئا، اين ڊي پي منصوبي پاران بئنڪ جي پاليسين جي چڱيءَ طرح پوئواري ڪئي ويئي هئي جنهن ۾ صلاح مشوري وارو عنصر شامل هو.
پئنل جيتوڻيڪ صلاح مشوري واري حصي ۾ ڪيئي سنجيده مسئلا ڏٺا آهن، خاص طور ايل بي او ڊي واري هيٺين سنڌ جي علائقي ۾، جن ۾ سامونڊي پٽيءَ جي ويجهو رهندڙ ماڻهو پڻ شامل هئا. متاثر ٿيل علائقن ۾ جتي ڳوٺاڻن سان انٽرويو ڪيا ويا، انهن وٽ ايل بي او ڊي ۽ اين ڊي پي جي منصوبن ۾ ڪو فرق ناهي. انهن جي دماغ ۾ اهو ئي آهي ته اهو هڪ ڳڏيل پروگرام آهي جيڪو اتر مان گندو پاڻي ۽ ڏکڻ مان سمنڊ جو پاڻي ڪٽي اچي ٿو ۽ سندن زمينن کي خراب ڪري ٿو. پئنل انٽرويو ڪرڻ وقت ڪڏهن به ڪنهن به ڳوٺاڻي پاران انهيءَ جي تصديق نه ڪئي ويئي ته ڪو حڪومتي ادارن پاران بئنڪ جي عملي پاران، تعميراتي ڪم ڪرائڻ وارين تنظيمن پاران جيڪي ايل بي او ڊي، ڪي پي او ڊي يا سامونڊي پٽيءَ جي تعميرات سان منسلڪ هئا، ڪڏهن به ڪا صلاح يا ڳڏجاڻي ڪئي ويئي. عام ماڻهو دعويٰ ڪن ٿا ته هنن کي هن منصوبي جي تڏهن خبر پيئي جڏهن مشينون ميدان تي لٿيون. متاثر ٿيل علائقن ۾ پئنل پاران ڪيل ڳوٺاڻن سان انٽرويو ۾ ڳوٺاڻن چيو ته اهي هارين جي تنظيمن ۾ شامل ناهن، نه ئي هو آبپاشي جي ڪمن ڪارين ۾ شامل آهن. متاثر ٿيل ماڻهن چيو ته بئنڪ جي عملي سان هو صرف 2003 جي ٻوڏ ڪان پوءِ مليا آهن. بدقسمتيءَ سان ڏاکڻي سنڌ جا ماڻهو جن جون زندگيون سامونڊي پٽيءَ سان لاڳاپيل آهن، اهي ئي منصوبي جي لاڳت ۾ موجود نقصن جي ڪري متاثر ٿيا.
انتظاميا نوٽ ڪيو ته ايل بي او ڊي واري اي ايم پي تي عمل درآمد جي ناڪامي عام ماڻهو جي شعور جي ڪوٽ پئدا ڪئي جنهن جي ڪري سامونڊي ماحول ۽ ڍنڍن جي سگهاري هجڻ کي سنڀالي سگهجي ها. پئنل ڏسي ٿو ته هڪ تمام اهم اثر جيڪو هن ناڪامي جي ڪري پيو اهو اي ايم پي تي تعميل نه ٿيڻ هو ۽ اهو ان ڪري ٿيو جو سامونڊي پٽي سان لاڳاپيل تعميرات جي ختم ٿيڻ تي ڪو خاص توجهه نه ڏنو ويو ۽ نتيجي طور ايل بي او ڊي ۽ ڪي پي او ڊي سان تعلق رکندڙ پڇڙيءَ وارن علائقن جي ماڻهن تي خاص طور تي 2003 جي تباهي، موت ۽ ٻوڏن ڪان ڀهرين ان ڳالهه تي ڪو توجهه نه ڏنو ويو. صرف 1998 ۽ 1999 وارن حادثن ڪان پوءِ جڏهن چولري بند جو اهم حصو ڪري پيو هو، ۽ بعد ۾ هو سڄو تباهه ٿي ويو، جنهن جي ڪري ان ايراضيءَ کي سامونڊي پٽيءَ جي ويجهو وٺي ويو، ان وقت ڪٺنبن تي وڌيڪ توجهه ڏنو ويو.
جڏهن بئنڪ اين ڊي پي اندر صلاح مشورا ۽ اشتراڪيت جي بئنڪ جي پاليسي جي پوئواري ڪئي ته ان وقت هن ان قانون جي پوئواري نه ڪئي ته نيڪال جي نظام تحت شديد متاثر ٿيل ماڻهن جي پڻ مدد ڪئي وڃي جيڪي ايل ابي او ڊي ۽ اين ڊي پي وارن منصوبن اندر آيا ٿئي.

معلومات جي فراهمي جو بند ٿيڻ

بي پي 17.50 تحت معلوماتِ جي فراهمي بند ٿيڻ جي پاليسين بابت ہدايل آهي ان ۾ 1994 وارو ورلڊ بئنڪ جي معلومات جي فراهمي بند ٿيڻ متعلق پاليسين جو حصو شامل آهي. 2002 وارو حصو ان وقت لاڳو ٿيو پئي جڏهن درخواست جمع ڪرائي وئي هئي. " علائقي جي ماڻهن ڏانهن ۽ خانگي تنظيمن ڏانهن بئنڪ جي ماليت سان هلندڙ منصوبن ۽ پروگرامن متعلق معلومات فراهم ڪرڻ تمام ضروري آهي ته جيئن منصوبي جي تعميل بهتر ۽ سگهاري ٿي سگهي."
درخواست ڪندڙن اشارو ڏنو آهي ته ڪيئي اهڙا دستاويز جن ڪي وري ڏسڻ گهرجي، اهي واپڊا جي آفيسن ۾ موجود آهن پر اهي سمجهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي جو اهي انگريزي ۾ آهن. انتظاميا موجب، صرف هڪ دستاويز اهڙو آهي جيڪو علائقائي ٻولين ۾ به آهي. انتظاميا کي اهڙي ڪابه معلومات نه ملي جيڪي اهم مسئلن تي معلومات ڪان آجا هجن.
2002 جي معلومات واري پاليسي مطابق گهڻا بئنڪ جا دستاويز عام ماڻهوءَ لاءِ موجود ڪيا وڃن. انهيءَ جو اهو مطلب ناهي ته انتظاميا انهن سڀني دستاويزن کي منصوبي مان متاثر ٿيل علائقن ۾ ورهائيندي. مجموعي طور پاليسي چوي ٿي ته دستاويز بئنڪ جي ملڪي آفيسن جي معلومات وارن دڪانن تي رکيا ويندا ۽ ملڪ ۾ معلومات مهيا ڪرڻ وارين جڳهين تي رکيا ويندا، جن مان هڪ اسلام آباد ۾ آهي يا وري انٽرنيٽ ذريعي پڻ موجود ڪيا ويندا. پاليسي خاص طور تي چوي ٿي ته ماحولياتي تجزين متعلق ۽ ٻيهر آبادڪاريءَ متعلق جيڪي به دستاويز هوندا، انهن کي اهڙين جڳهين تي موجود ڪيو وڃي جتي متاثر ٿيل ماڻهو يا خانگي تنظيمون آسانيءَ سان پهچي سگهن.
انتظاميا مڃيو آهي ته اين ڊي پي منصوبي ۾ بي پي 17.50 جي پوئواري نه ڪئي وئي آهي جيڪا ماحولياتي جائزي جي معلومات فراهم نه ڪرڻ سان تعلق رکي ٿي جڏهن ته 1993 واري ڊي ايس اي اي ملڪ ۾ اشتراڪي ميمبرن لاءِ به موجود نه ڪيو ويو هو. پئنل انهيءَ مڃتا کي نوٽ ڪري ٿو.
پئنل اهو پڻ مشاهدو ڪيو آهي ته انتظاميا حتاالمقدور ڪوشش ڪئي آهي ته هارين سان لاڳاپيل فاندو ماٽيندڙ ترين کي بئنڪ جي پاليسين مطابق معلومات پهچائي وڃي پر اهڙيون ساڳيون ڪوششون ڏاڪٽي سنڌ جي ماڻهن لاءِ نه ورتيون ويون جيڪي بئنڪ جي پاليسين مطابق وٺڻ ڪپنديون هيون ۽ ڪين معلومات فراهم ڪرڻ ڪپندي هئي. پئنل اهو مڃي ٿو ته علائقي ۾ معلومات جو بند ٿيڻ سان تمام گهڻيون سنجيده تڪليفون ٿين ٿيون. ساڳي وقت، عام ماڻهو جيڪي منصوبي مان متاثر ٿيا تمام اهم تڪليفن جو شڪار ٿيا آهن، خاص طور منصوبي بابت معلومات حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ جيڪا انهن لاءِ تمام گهڻي اهميت رکي ٿي.

نگراني

او ڊي 13.05 چوي ٿو ته منصوبي جي نگراني بئنڪ جي انتهائي اهم جزن مان هڪ آهي جنهن تحت، " (اي) ان ڳالهه جي خاطري ڪرائي وڃي ته قرض وٺندڙ انهيءَ خاطريءَ سان منصوبي تي عمل درآمد ڪري ته هو قبول ڪيل حاصلات کي پهچي سگهندو جيڪي قرض جي معاهدي ۾ موجود آهن، (بي) مسئلن جي نشاندهي ڪرڻ لازمي آهي جيڪي تعميل دوران پيدا ٿي سگهن ٿا ۽ قرض وٺندڙ جي انهن کي حل ڪرڻ لاءِ مدد ڪندو، (...) (سي) وقت سر اهڙوڪو قدم کڻندو جنهن تحت اهڙو ڪوبه منصوبو منسوخ ڪيو ويندو جنهن جو جاري رهڻ ضروري نه رهيو آهي، خاص طور تي تڏهن جڏهن اهو ممڪن نه رهي ته رٿيل حاصلات هاڻ انهيءَ مان ملڻ ناممڪن ٿي ويا آهن."

مسئلن جي نشاندهي ۽ انهن جا صحيح اپاءَ

پئنل ايل بي او ڊي جي اندر ساموندي پٽيءَ سان تعلق رکندڙ منصوبن جي نگراني کي چڱيءَ طرح سان ڏٺو ۽ انهن جو ماحول ۽ علائقي جي ماڻهن تي پوندڙ اهم اثر جو پڻ جائزو ورتو. معائني دوران، پئنل ڪيترائي اهڙا مثال ڏٺا جن ۾ تعميري ڪم گهٽ درجي جو ٿيل هو، خاص طور تي ساموندي پٽيءَ سان لاڳاپيل تعميري ڪمن ۾. پئنل اهو تاثر ورتو ته تعميراتي ڪمن جي مسئلن تي ڪوبه ڌيان تيستائين نه ڏنو ويو جيستائين 1996 ۾ ڪمن جي شروع ٿيڻ کي اٺ سال نه گذريا. ان ڪان پوءِ به صرف هڪ تجويز ڏني وئي تنهن تي به 1998 تائين ڪو جوڳو قدم نه کنيو ويو جڏهن بئنڪ جي ٻڌمن سان لاڳاپيل هڪ ماهر منصوبي جو دورو نه ڪيو ۽ هڪدم منصوبي جي صورتحال کي خراب ٿيندو ڏسي قدم کڻڻ لاءِ زور ڀريو.

پئنل نگرانيءَ ۾ موجود ڏکيائين کي سمجهي ٿو ۽ ايل بي او ڊي جهڙي وڏي منصوبي جي نگراني ۾ مشڪلاتن کي محسوس ڪري ٿو. پر پئنل پوءِ به ڏسي ٿو ته ساموندي پٽيءَ سان تعلق رکندڙ عنصر کي نگراني دوران ڪابه موزون توجهه نه ڏني ويئي جنهن ۾ تعمير جي دوران ماهرانه مسئلا پيدا ٿيا.
پئنل انهن دستاويزن کي به ڏٺو جيڪي انتظاميا جي نگراني وارا هئا ۽ جن مان بئنڪ جي نگرانيءَ جو اندازو لڳائي پيو سگهجي جن جو تعلق ساموندي پٽي ۽ ان سان لاڳاپيل بندن جي ڪرڻ سان هو. پئنل ڏٺو ته 1998 جي آخري مهينن کان وٺي انهيءَ وقت تائين جيستائين پئنل کي سيپٽيمبر 2004 ۾ هيءَ درخواست ملي، انتظاميا جي نگراني واريون رپورٽون ساموندي پٽيءَ جي نقصان متعلق تمام گهٽ ذميواريءَ واري توجهه ڏين ٿيون. پئنل سمجهي ٿو ته ساموندي پٽيءَ جي تباهيءَ طرف توجهه نه ڏيڻ او ڊي 13.05 جي پوئواري نه ٿو ڪري.
پئنل کي اهڙو ڪوبه ثبوت نه مليو ته منصوبي مان متاثر ٿيل ماڻهن سان بئنڪ جي نگراني دوران ڪوبه صلاح مشوروڪيو ويو هجي. پئنل ڏسي ٿو ته انتظاميا ساموندي پٽيءَ جي علائقي جو دورو ڪرڻ ۾ تمام سستي ڏيکاري آهي ۽ عام آباديءَ سان ملڻ ڪرڻ ۾ تسلسل نه رکيو ويو آهي ته جيئن انهن جي مسئلن کي سمجهي سگهجي ۽ سندن ماحولياتي مسئلن کي پرکي سگهجي. نديءَ جي هيٺين علائقن وارن ماڻهن سان هڪ اڌ ڏهاڪي تائين صلاح مشورو نه ڪرڻ جي ڪري ساموندي پٽيءَ ڏار پئجي ويا، انهيءَ ڳالهه جو پئنل کي تمام گهڻو فڪر آهي. اهو او ڊي 13.05 جي تحت پوئواري نه ٿو ڪري.
پئنل نگرانيءَ وارن دستاويزن تجزيو ڪيو آهي ۽ ٻين دستاويزن کي به ڏٺو آهي جن مان معلوم ٿي سگهي ته ههڙي ناڪام نگرانيءَ جا سبب ڪهڙا هئا. پئنل مشاهدو ڪري ٿو ته انتظاميا تعميري ڪم جي نگراني ڪرڻ لاءِ مناسب ماهرن کي ڪم سونپڻ ۾ ناڪام ويئي آهي. نتيجي طور انتظاميا کي منصوبه بندي ۾ سنجيده غلطيون ڏسڻيون پيون ۽ صحيح اپاءَ وٺڻ جي به کوٽ ٿي ويئي. اهو پڻ او ڊي 13.05 جي پوئواري نه ٿو ڪري.

بدعنواني کان پاڪ صورتحال ۽ رپورٽ ڪرڻ

پئنل بيهر ڏٺو ته چولري بند جي ٽٽڻ سان جيڪي اهم مسئلا انتظاميا ۾ پيدا ٿيا، اهي ٻڌڻ ۾ آيا. جيئن مٿي چيو ويو آهي ته بند 1996 ۾ سنجيده مسئلن جي شناخت ڪرڻ شروع ڪئي ۽ بئنڪ جون ٽيمون انهيءَ ڳالهه جي باري ۾ 1996 ۽ 1998 دوران پريشانيءَ جون شڪار رهيون. مئي 1998 واري ڊنم جي خصوصي رپورٽ کان پوءِ انتظاميا کي جاچڻ کپندو هو. تعجب جي ڳالهه آهي ته ايل بي او ڊي جي مڪمل ٿيڻ واري رپورٽ (آءِ سي آر) جيڪا ساڳي وقت تيار ڪئي ويئي هئي، ان ۾ به سنجيده نقصانن جو ڪو ذڪر ٿيل نه هو.
آءِ سي آر جي جمع ٿيڻ کان پوري هڪ هفتي کان پوءِ چولري بند ڪري پيو جنهن سان نيڪال جو سرشتو خراب ٿيڻ شروع ٿيو. پئنل کي افسوس آهي ته اهو آءِ سي آر جيڪو بورڊ منجهه ورهايو ويو هو، مڪمل طور تي منصوبي ۾ موجود بدعنوانين کان پاڪ نه هو. پئنل اهو سمجهائي نه ٿو سگهي ته ڇو انتظاميا جون اندروني جاچ واريون تدبيرون انهيءَ آخري رپورٽ ۾ موجود خاميون نه هلي سگهيون ۽ ڇو آءِ سي آر ۾ ترميم ڪئي ويئي، جڏهن ته اها پهرين ئي منصوبي جي نتيجن تي جائزو وٺي چڪي هئي.
پئنل نوٽ ڪيو ته ان کان اڳ جو درخواست ملي، انتظاميا تمام گهڻا وسيلا استعمال ڪيا ته جيئن مسئلن جي پروڙ پئجي سگهي ۽ ڪافي وقت کان متاثر ٿيل ماڻهن جي رهيل مسئلن جي مدد ڪرڻ چاهي.

پڇاڻي:

پئنل جي معائني ڏٺو آهي ته منصوبي جي منصوبه بندي، لاڳت ۽ نگراني جي تسلسل ۾ آبپاشي نظام جو فائدو ته مرڪوز ڪيو ويو آهي ۽ نيڪال جو نظام بهتر بنائڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي ويئي آهي. پر ڏاکڻي سنڌ جي ضلعي بدين جي ڏاکڻي علائقي جي علاقائي ماڻهن تي پيل يا پوندڙ اثرن جي باري منصوبي جي ڪنهن به حصي دوران ڌيان نه ڏنو ويو آهي. اين ڊي پي جي منصوبي ۾ پڻ هڪ مڪمل طور ماحولياتي جائزي جي ناهڻ لاءِ ناڪامي ڏسڻ ۾ پئي آئي. جنهن جي ڪري بئنڪ ۽ قرض وٺندڙ جي وچ ۾ نتيجن جو اخذ ڪرڻ، اپائن جي باري ۾ سوچ ويچار ڪرڻ ۽ متاثر ٿيل ماڻهن لاءِ ڪا راهه ڪڍڻ لاءِ ڪابه تفهيم نه ٿي سگهي جيڪا ڏاکڻي سنڌ جي ماڻهن لاءِ هجي ها ۽ اهو بئنڪ جي پاليسين مطابق ٿيڻ کپندو هو. بئنڪ جي اصولن اندر موجود سماجي مسئلن جي اپٽار ڪندڙ طريقن کي نه اپنائڻ جي ڪري انتظاميا جي سينيئر ماڻهن وٽ اهڙا مسئلا آڏو اچي نه سگهيا. تنهن ڪري سڀ کان وڏيڪ نقصان متاثر ٿيل علائقن جي ماڻهن کي ٿيو جن جو هن رپورٽ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ ساڳين حالتن جا ڪيترائي مسئلا اڃا تائين به ساڳي طرح موجود آهن.

پئنل نوٽ ڪيو آهي ته بئنڪ تازو سنڌ جي ساموندي علائقي ۾ سڌاري جو ڪو پروگرام رٿي رهي آهي. جيڪڏهن ڪاميابي سان ان تي عمل ڪيو ويو، ان وٽ هڪ سگهاري سگهه آهي جو ماڻهن کي هڪ بهتر زندگي ڏيئي سگهن. پئنل تازو حڪومت پاران پڻ ڪنيل قدمن جي تعريف ٿي ڪري جنهن تعميري ڪمن جي اهميت کي سمجهندي متاثر ٿيل آباديءَ سان تعلق رکندڙ مسئلن طرف ڌيان ڏنو آهي ۽ انهن جي ضرورتن کي سمجهيو آهي.

"This document is **an unofficial** translation of the *Inspection PanelReport*, which is provided as a service to interested parties. **Every effort has been made to ensure an accurate translation but if** any **part** of the translation in Sindhi is inconsistent with the text of the original official document in English then the later shall govern."